جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC
CARTL

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايڊيٽر:
حاجي محمد حنيف ميمڻ

ايڊيٽر:
سيد گل شاه

جلد 17 | جمعو 23 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 11 جمادي الاول 1448ھ | قيمت: 20 | شمارو 12

وڏي وزير سان يونيسيف جي وفد جي ملاقات، موسمياتي تبديلين جا اثر برداشت ڪندڙ انفراسٽرڪچر جي تعمير تي اتفاق

جامع معاشي ترقي، موسمياتي تبديلين جا اثر برداشت ڪندڙ انفراسٽرڪچر، ڳوٺاڻي ترقي ۽ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ سهڪار وڌيڪ مضبوط ڪرڻ تي اتفاق

(پي سي پي) 2025ع کان 2030ع تحت سنڌ لاءِ مخصوص ترقياتي پروگرام جي مد ۾ لڳ ڀڳ 40 ملين ڊالر گڏ ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو آهي

جنهن ۾ ٻنهي ڌرين يورپي يونين جي مالي سهڪار سان جاري غربت جي خاتمي ۽ ڳوٺاڻي سنڌ ۾ جامع ترقيءَ واري پروگرام (پائيدار) تي اڳڀرائي جو جائزو ورتو، ڪامياب ترقياتي قدمن کي وڌيڪ وسيع ڪرڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

خاص طور تي ٻهراڙيءَ جي آبادين، ڪاروباري ادارن جي ترقي ۽ 2022ع جي تباهي مچائيندڙ ٻوڏن کانپوءِ موسمياتي تبديلين جا اثر برداشت ڪندڙ انفراسٽرڪچر جي تعمير لاءِ اداري جي سهڪار کي ساراهيو

پائيدار پروگرام ضلعي ٺٽي، سجاول، بدين، ٿرپارڪر ۽ لاڙڪاڻي ۾ غربت گهٽائڻ، مقامي معيشتن کي مضبوط ڪرڻ، عوامي خدمتون بهتر بڻائڻ ۽ عورتن توڙي نوجوانن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي: جام خان شورو

پروگرام ۾ ٻهراڙيءَ جي انفراسٽرڪچر ۽ ڪميونٽي جي سهولتن ۾ سيڙپڪاري سان گڏ ننڍن ۽ وچولي درجي جي ڪاروباري ادارن (ايم ايس ايم ايز) لاءِ مالي گرانٽون، ٽيڪنيڪل سهڪار ۽ ادارن جي صلاحيت وڌائڻ جا قدم شامل آهن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاه ۽ گڏيل قومن جي صنعتي ترقي واري اداري (يونيڊو) جي ڊپٽي ڊائريڪٽر جنرل ۽ مئنيجنگ ڊائريڪٽر محترمه فاتو حيدرا، جامع معاشي ترقي، موسمياتي تبديلين جا اثر برداشت ڪندڙ انفراسٽرڪچر، ڳوٺاڻي ترقي ۽ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ سهڪار وڌيڪ مضبوط ڪرڻ تي اتفاق ڪيو آهي. يونيڊو پنهنجي پروگرام فار ڪنٽري پارٽنر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 20

ڪراچي: وزيراعليٰ سنڌ مراد علي شاه سان يونيڊو جو وفد ملاقات ڪندي

فرانس جو يورپي يونين ۽ نيٽو کان عليحدگي لاءِ ريفرينڊم ۾ قومي خودمختياري ۽ معاشرتي اتحاد جو واحد رستو آهي: جيڪ هوگارڊ

پيرس (م ڊ) فرانس جي اڳوڻي آفيسر جيڪ هوگارڊ چيو آهي ته فرانس جو يورپي يونين ۽ نيٽو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 21

پينٽاگون وچ اوڀر ۾ پنهنجي فوج جي موجودگي خاموشي سان گهٽائي رهيو آهي: بي بي سي

نيويارڪ (م ڊ) حوثين جي جاري علائقائي خطرن ۽ ايران جي ڌمڪين سبب آمريڪي فوج وچ اوڀ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 22

وفاقي حڪومت عسڪري قيادت سان گڏجي خيبر پختونخوا جا مسئلا حل ڪندي: وزيراعظم

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ پشاور ۾ نيشنل ايڪشن پلان جي وفاقي ايپيڪس ڪميٽيءَ جي اجلاس ۾ خيبرپختونخوا مان دهشتگرديءَ جي مڪمل خاتمي تي اتفاق ڪيو ويو

خيبرپختونخوا کي باهه ۾ سڙندو ڇڏي خاموش تماشائي نٿا بڻجي سگهون، حالتن جي مجبوريءَ سبب صوبي ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻو پيو

گورنر هائوس پشاور ۾ ٿيل اجلاس ۾ فيلڊ مارشل عاصم منير، ناٽي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب، گهرو وزير محسن نقوي، قانون واري وزير اعظم نذير تارڙ سميت ٻين لاڳاپيل عملدارن شرڪت

اجلاس ۾ صوبي جي سياسي صورتحال ۽ تازين اڳڀراين جو جائزو ورتو ويو. دهشتگرديءَ جي مڪمل خاتمي لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو ويو. اجلاس کي خطاب

آخري دهشتگرد جي خاتمي تائين سک سان نه ويهنداسين، اسان جي جوانن ۽ آفيسرن جون قربانيون رائيگان نه وينديون صوبي جي پوليس، سيف سٽيز منصوبن ۽ دهشتگرديءَ جي خاتمي واري کاتي (سي ٽي ڊي) کي جيڪا به مدد گهربل هوندي: وزيراعظم شهباز شريف

خيبرپختونخوا بهادر ۽ غيرتمند ماڻهن جو خوبصورت صوبو آهي، ان کي بدامنيءَ جي ورچاڙهي اڪيلو نٿا ڇڏي سگهون. گذريل ڪجهه سالن ۾ پيدا ڪيل حالتن سبب صوبو سخت متاثر ٿيو آهي

پشاور (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ پشاور ۾ نيشنل ايڪشن پلان جي وفاقي ايپيڪس ڪميٽيءَ جي اجلاس ۾ خيبرپختونخوا مان دهشتگرديءَ جي مڪمل خاتمي تي اتفاق ڪيو ويو آهي. وزيراعظم چيو آهي ته خيبرپختونخوا کي باهه ۾ سڙندو ڇڏي خاموش تماشائي نٿا بڻجي سگهون، حالتن جي مجبوريءَ سبب صوبي ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻو پيو. گورنر هائوس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 1

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

پاڪستان ۾ معاشي واڌ 3.8 ۽ مهانگائي 8.2 سيڪڙو رهڻ جو امڪان

مالي سال 2025_26ع دوران پاڪستان جي معاشي شرح نمو 3.7 سيڪڙو رهي، هلندڙ مالي سال 2026_27ع دوران معاشي واڌ 3.8 سيڪڙو رهڻ جو امڪان

هلندڙ مالي سال دوران پاڪستان ۾ مهانگائي جي شرح 8.2 سيڪڙو تائين پهچڻ جي اڳڪٿي ڪئي وئي

زرعي شعبي جي شرح نمو 2.9 سيڪڙو رهي، جنهن ۾ لائيو اسٽاڪ اهم ڪردار ادا ڪيو

اسلام آباد (بيورو) عالمي بينڪ پاڪستان جي معيشت بابت 2026ع جي اقتصادي رپورٽ جاري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 2

مالديپ جي خاتون اول ساجده محمد پاران آصفه ڀٽو سان ملاقات خوشگوار قرار

انهن کي پاڪستان جي خاتون اول بي بي آصفه ڀٽو زرداري سان ملاقات ڪري تمام گهڻي خوشي ٿي

انهن کي پاڪستان جي خاتون اول بي بي آصفه ڀٽو زرداري سان ملاقات ڪري تمام گهڻي خوشي ٿي

اسلام آباد (بيورو) مالديپ جي خاتون اول ساجده محمد خاتون اول بي بي آصفه ڀٽو زرداري سان ملاقات/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 3

اسلام آباد: مالديپ جي خاتون اول ساجده محمد پاران آصفه ڀٽو سان ملاقات ڪندي

سروس ٽربيونل انتظاميا بڻجي پرتي قاعدا ختم يا نئين سر ناهڻ جو حڪم نه ٿو ڏئي سگهي: سپريم ڪورٽ

عدالت ريلوي آفيسرن جي سنيارٽي بابت فيڊرل سروس ٽربيونل جو 19 سيپٽمبر 2025ع جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو

ڏهاڪن کان رائج طريقيڪار ۽ سي ايس ايس امتحان ۾ حاصل ڪيل ميرٽ جي بنياد تي طئي ٿيل سنيارٽي کي بعد ۾ ختم نه ٿو ڪري سگهجي: عائشه اي ملڪ

اسلام آباد (بيورو) سپريم ڪورٽ قرار ڏنو آهي ته سرو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 23

نيشنل بينڪ پاران جاري ڪيل مختلف ملڪن جي ڪرنسين جي وڪري ۽ خريد جا اگهه

آمريڪي ڊالر جي وڪري جو اگهه 277.25 رپيا ۽ خريد جو اگهه 276.75 رپيا

برطانوي پائونڊ جي وڪري جو اگهه 371.44 رپيا ۽ خريد جو اگهه 370.77 رپيا

ڪراچي (رپورٽر) نيشنل بينڪ مختلف ملڪن جي ڪرنسين جي وڪري ۽ خريد جا اگهه جن ريٽ جاري ڪيا آهن. آمريڪي ڊالر جي وڪري جو اگه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 25

ڪينيڊا پاران آمريڪي ٽيڪس سبب متاثر صنعت جي تحفظ لاءِ 8.7 ارب ڊالرن جي امدادي منصوبي جو اعلان

اوٽاوا (م ڊ) ڪينيڊا جي وزير اعظم مارڪ ڪارني ۽ اونٽاريو صوبي جي وڏي وزير ڊگ فورڊ آمري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 24

مالديپ جي صدر جي فيلڊ مارشل عاصم منير سان ملاقات

جنهن ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن ۽ خطي جي موجوده سيڪيورٽي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ملاقات ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن ۽ خطي جي موجوده سيڪيورٽي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

راولپنڊي (م ڊ) فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 26

اسلام آباد: فيلڊ مارشل عاصم منير سان مالديپ جو صدر ملاقات ڪندي

ڪانگو ۾ تشدد سبب هزارين ماڻهو لڏپلاڻ ڪرڻ تي مجبور آهن: گڏيل قومون

تازو لڏپلاڻ ڪندڙ خاندان انهن اٽڪل 14 هزار 500 ماڻهن ۾ شامل ٿي ويا آهن

گڏيل قومون (بيورو) جمهوريه ڪانگو جي ڏکڻ اوڀر وارن علائقن ۾ تشدد جي وڌندڙ واقعن سبب آگسٽ کان هن وقت تائين هزارين ماڻهو پنهنجن گهرن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 19

پاڪستان ۽ سعودي عرب ۾ اقتصادي تعاون کي سگهه ڏئي ترقي ۽ خوشحالي جا نوان امڪان پيدا ڪري سگهجن ٿا: صدر زرداري

صدر آصف علي زرداري پاڪستان ۽ سعودي عرب جي تاريخي ۽ پائدار لاڳاپن کي مضبوط اقتصادي حصيداري، سيڙپڪاري ۾ اضافي ۽ گڏيل مفاد جي ڪاروباري موقعن ۾ تبديل ڪرڻ جي ضرورت تي زور

ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ اقتصادي تعاون کي سگهه ڏئي ترقي ۽ خوشحالي جا نوان امڪان پيدا ڪري سگهجن ٿا. لاهور جي ليڪ سٽي ۾ سعودي پاڪستان ريئل اسٽيٽ ايڪسپو (سپريڪس) جي دوري جي موقعي تي ڪيو

جتي ايڪسپو ۾ شريڪ ڪمپنين، انهن جي منصوبن ۽ پاڪستان جي ريئل اسٽيٽ شعبي ۾ سيڙپڪاري جي امڪاني موقعن بابت بريفنگ ڏني وئي

لاهور (م ڊ) صدر آصف علي زرداري پاڪستان ۽ سعودي عرب جي تاريخي ۽ پائدار لاڳاپن کي مضبوط اقتصادي حصيداري، سيڙپڪاري ۾ اضافي ۽ گڏيل مفاد جي ڪاروباري موقعن ۾ تبديل ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو آهي ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ اقتصادي تعاون کي سگهه ڏئي ترقي ۽ خوشحالي جا نوان امڪان پيدا ڪري /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 18

سنڌ جي ڪنهن به يونيورسٽي ۾ غير قانوني ڪم برداشت نه ڪيو ويندو: اسماعيل راهو

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي ۾ مبينا جعلي ڊگرين جي معاملي جي جاچ ۽ ذميوارن خلاف ڪارروائي جي هدايت سنڌ حڪومت پاڻ ڏني هئي

جعلي ڊگرين کي رد ڪرڻ جو فيصلو به سنڌ حڪومت ئي ڪيو آهي، سنڌ جو وڏو وزير ۽ يونيورسٽين وارو کاتو ان معاملي جي وڌيڪ جاچ ڪرائي رهيا آهن

جعلي ڊگرين جي جاري ڪرڻ ۾ جيڪو به ملوث نڪتو ته ان جي خلاف قانون موجب ڪارروائي ٿيندي ۽ ملوث عنصرن جي سهولتڪارن کي به قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي يونيورسٽين واري وزير محمد اسماعيل راهو ايم ڪيو ايم اڳواڻ وسيم اختر جي بيان تي سخت ردعمل ظاهر ڪندي چيو آهي ته سنڌ جي ڪنهن به يونيورسٽي ۾ غير قانوني ڪم برداشت نه ڪيو ويندو. شاهه عبداللط/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 5

لاهور: وزيراعليٰ پنجاب مريم نواز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

چين سان ٽيرف رعايت ۾ واڌائڻ لاءِ ڳالهيون جاري آهن: جام ڪمال خان

ڪاروبار ڪرڻ جي لاڳت ۾ گهٽتائيءَ عالمي مارڪيٽن تائين رسائي لاءِ لاڳاپيل وزارتن، کاتن ۽ نجي شعبي سان رابطي ۾ آهي

روانگي واپار ڪندڙن جي چتاپيتي واري صلاحيت بهتر بڻائڻ لاءِ عملي قدمن تي ڪم جاري

پاڪستان جي روانگي واپار کي متاثر ڪندڙ مسئلن ۽ انهن جي حل لاءِ لاڳاپيل سرڪاري کاتن پاران ڪيل اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو

اسلام آباد (بيورو) واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال خان چيو آهي ته حڪومت روانگي واپار ڪندڙن کي پيش ايندڙ مسئلن جي حل، ڪاروبار ڪرڻ جي لاڳت ۾ گهٽتائي ۽ عالمي مارڪيٽن تائين رسائي وڌائڻ لاءِ لاڳاپيل وزارتن، کاتن ۽ نجي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمب 28

پي ٽي آءِ باني جي آزاديءَ جو مطالبو ڇڏي ڏنو آهي: عمران اسماعيل

حڪومت سان ڳالهه ٻولهه مثبت عمل آهي پر پارٽي کي پنهنجو بنيادي مطالبو وسارڻ نه گهرجي

هاڻي صرف ملاقاتون ڪرائڻ جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن، جنهن تي ڪيس تعجب آهي

ڪراچي (رپورٽر) اڳوڻي گورنر سنڌ عمران اسماعيل چيو آهي ته پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) باني جي آزاديءَ جو مطالبو ڇڏي ڏنو آهي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 17

پاڪستان معاشي استحڪام لاءِ سيڙپڪاري جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهي: وفاقي وزير

پاڪستان کي چين جي معاشي ترقي جي تجربي مان فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي جنهن ٽن ڏهاڪن تائين لڳاتار معاشي ترقي حاصل ڪئي آهي

پاڪستان ۾ انفارميشن ٽيڪنالاجي، زراعت، معدنيات، توانائي، مينوفيڪچرنگ ۽ سياحت سميت مختلف شعبن ۾ سيڙپڪاري جا وسيع موقعا موجود آهن

حڪومت پاڪستان ۾ ڪاروبار شروع ڪرڻ، موجوده ڪاروباري سرگرمين کي وڌائڻ ۽ سيڙپڪاري لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي

اسلام آباد (بيورو) سيڙپڪاري واري وفاقي وزير قيصر احمد شيخ چيو آهي ته پاڪستان معاشي استحڪام لاءِ سيڙپڪاري جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهي. سيڙپڪاري معاشي بحالي جو بنيادي ذريعو آهي جيڪو روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ، جديد ٽيڪنالاجي کي هٿي وٺائڻ ۽ پيداواري صلاحيت ۾ اضافي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. اهڙن خيالن جو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 6

سنڌ ۾ 10 سالن دوران 50 لک 19 هزار 864 مريضن کي موبائل ڊائيگناسٽڪ اينڊ ايمرجنسي ذريعي سروس فراهم ڪئي وئي: گيانچند ايسراڻي

جون 2016ع کان سيپٽمبر 2026ع تائين موبائل ڊائيگناسٽڪ اينڊ ايمرجنسي هيلٿ ڪيئر سروسز ذريعي 50 لک 19 هزار 864 مريضن کي طبي سهولتون فراهم ڪيون ويون

12 لک 74 هزار 322 ليبارٽري ۽ ٻيون طبي ٽيسٽون ڪيون ويون. اداري جا 20 موبائل يونٽ، جن ۾ 13 موبائل ڊائيگناسٽڪ ۽ 7 موبائل هيلٿ يونٽ شامل آهن

اتي هن وقت تائين 3 هزار 654 ٻارن جي پيدائش جا ڪيس مڪمل ڪيا ويا، جڏهن ته 18 هزار 178 مريضن کي طبي سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير جي بحالي ڪاتي واري صلاحڪار گيانچند ايسراڻي موبائل هيلٿ يونٽن جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ، ڊجيٽل ڊيٽا ۽ مانيٽرنگ جو نظام فعال ڪرڻ ۽ عوام ۾ موبائل اسپتالن بابت آگاهي وڌائڻ جي هدايت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 29

غير قانوني ۽ نقصان پهچائيندڙ مواد کي نظرانداز نه ڪيو ۽ فوري طور تي رپورٽ ڪيو: پي ٽي اي

اهڙو مواد صارفين جي ذاتي رازداري جي تحفظ لاءِ شديد خطرو ثابت ٿي سگهي ٿو

پي ٽي اي جي شڪايت مينجمينٽ سسٽم complaint.pta.gov.pk تي رابطو ڪري سگهجي ٿو

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن اٿارٽي (پي ٽي اي) شهرين تي زور ڀريو آهي ته اهي انٽرنيٽ ۽ سوشل ميڊيا تي غير قا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 16

قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق جي مالديپ جي صدر ڊاڪٽر محمد معز سان ملاقات

قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ موجب ملاقات ۾ ٻه طرفي پارلياماني ۽ اقتصادي لاڳاپن سميت اهم علائقائي ۽ عالمي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ

پاڪستان مالديپ سان پنهنجي پراڻن لاڳاپن کي تمام گهڻي اهميت ڏئي ٿو هن پاڪستان ۽ مالديپ جي وچ ۾ پارلياماني ۽ اقتصادي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ تي زور ڏنو

پاڪ_مالديپ پارلياماني دوستي گروپ ٻطرفي پارلياماني لاڳاپن کي فروغ ڏيڻ ۾ فعال ڪردار ادا ڪري رهيو آهي

پارلياماني سفارتڪاري علائقائي ملڪن جي وچ ۾ لاڳاپن کي فروغ ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي

اسلام آباد (بيورو) مالديپ جي صدر ڊاڪٽر محمد معز سان قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق ملاقات ڪئي ۽ سندس پاڪستان جي دوري جي آجيان ڪئي. قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ موجب ملاقات ۾ ٻه طرفي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 7

سنڌ انٽيگريٽڊ هيلٿ اينڊ وومين ايمپاورمينٽ پروجيڪٽ تحت زيبسٽ زيب ٽيڪ گهارو ۾ گريجوئيشن تقريب

هي منصوبو محڪمه صحت، حڪومت سنڌ پاران اسلامي ترقياتي بئنڪ (IsDB) جي سهڪار سان جاري

زيبسٽ زيب ٽيڪ (iTVE) جي ايگزيڪٽو ڊائريڪٽر ميڊم وحيده مهيسر سميت مختلف آفيسرن ۽ زيب ٽيڪ جي ٽيم شرڪت ڪئي

زيبسٽ زيب ٽيڪ گهارو جي هيڊ آف چيپٽر، مسٽر پون ڪمار سيني معزز مهمانن جو استقبال ڪيو

مهمانن ڪيمپس جو دورو ڪيو ۽ ڊجيٽل لٽريسي، ڊجيٽل اسڪلز ۽ بيڪري پراڊڪٽس جي تياري بابت تربيتي ڪلاسن جو معائنو ڪيو

گهارو (رپورٽر) زيبسٽ زيب ٽيڪ (iTVE) گهارو ۾ سنڌ انٽيگريٽڊ هيلٿ اينڊ وومين ايمپاورمينٽ پروجيڪٽ جي اسڪل ڊولپمينٽ اينڊ ووڪيشنل ٽريننگ پروگرام تحت تربيت مڪمل ڪندڙ شاگردياڻين جي اعزاز ۾ گريجوئي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 30

گهارو: سنڌ انٽيگريٽڊ هيلٿ اينڊ وومين ايمپاورمينٽ پروجيڪٽ تحت زيبسٽ زيب ٽيڪ گهارو ۾ گريجوئيشن تقريب جو ڏيک

عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل جي اگهه ۾ اضافو رڪارڊ

اسلام آباد (بيورو) عالمي مارڪيٽ ۾ خميس ڏينهن ڪچي تيل جي اگهه ۾ اضافو رڪارڊ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 31

موبائل فونز جي قومي آمدني واپار ۾ سيپٽمبر 2026ع دوران 29 سيڪڙو کان وڌيڪ جي گهٽتائي رڪارڊ

اسلام آباد (بيورو) ملڪ ۾ موبائل فونن جي قومي آمدني واپار ۾ سيپٽمبر 2026ع دوران 29 سيڪڙو کان وڌيڪ جي گهٽتائي رڪار/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 32

سعودي عرب جي ولي عهد سان فرانس جي صدر جي ملاقات

مختلف شعبن ۾ سهڪار کي هٿي ڏيڻ تي خيالن جي ڏي وٺ

ٻنهي اڳواڻن علائقائي ۽ عالمي صورتحال ۽ ان حوالي سان ڪيل ڪوششن ۾ هم آهنگي تي به ڳالهه ٻولهه

رياض (م ڊ) سعودي عرب جي ولي عهد شهزاده محمد بن سلمان رياض جي قصر اليمامه ۾ فرانس جي صدر ايمانويل ميڪرون ملاقات ڪئي. /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 15

فارما ايشيا 2026ع جي ٻئي ڏينهن به سرگرميون جاري، ڏيهي ۽ پرڏيهي ڪمپنين جي ڀرپور شرڪت

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ايڪسپو سينٽر ۾ 24 هين فارما ايشيا انٽرنيشنل ايگزيبيشن اينڊ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 8

واپاري نمائش آءِ ٽي بي برلن 2027ع ۾ شرڪت لاءِ درخواستون (اڄ) تائين جمع ڪرائي سگهجن ٿيون: ٽي ڊي اي پي

اسلام آباد (بيورو) ٽريڊ ڊولپمينٽ اٿارٽي پاڪستان (ٽي ڊي اي پي) چيو آهي ته جرمني/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 9

انڪوائري ۾ ڏوهه ثابت ٿيڻ کانسواءِ پوليس آفيسر خلاف محڪمائي ڪارروائي نٿي ٿي سگهي: وفاقي آئيني عدالت

جسٽس روزي خان بڙيچ ۽ جسٽس سيد ارشد حسين شاهه تي ٻڌل بينچ پوليس آفيسر منير سمو جي اپيل تي فيصلو جاري

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي سرڪٽ ڪورٽ لاڙڪاڻو جي 30 جون 2026ع جي حڪم جو جائزو ورتو

اسلام آباد (بيورو) وفاقي آئيني عدالت فيصلو ڏنو آهي ته ڪنهن سرڪاري ملازم خلاف منفي ڪارروائي لاءِ مضبوط ثبوت، منصفاڻي جاچ ۽ قانون/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 14

اسلام آباد: قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق جي مالديپ جي صدر ڊاڪٽر محمد معز سان ملاقات ڪندي

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ٻاڙائي، ڪي ايس اي 100 انڊيڪس 884 پوائنٽس گهٽجي ويو

ڪي ايس اي 100 انڊيڪس 884.61 پوائنٽس گهٽجي 165046.37 پوائنٽس تي اچي ويو

جن مان 167 ڪمپنين جي شيئرز جي اگهه ۾ اضافو، 273 ۾ گهٽتائي ۽ 126 جي شيئرز جي قيمتن ۾ استحڪام رهيو

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ٻاڙائي جو رجحان رهيو ۽ ڪي ايس اي 100 انڊيڪس 884.61 پوائنٽس گهٽجي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 11

فرانس ۾ منعقد ٿيل ”سيال پيرس“ 2026ع عالمي نمائش ۾ پاڪستان جي 37 ڪمپنين جي شرڪت

اسلام آباد (بيورو) فرانس ۾ منعقد ٿيل ”سيال پيرس“ 2026ع جي عالمي نمائش ۾/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 10

مالديپ جي صدر ڊاڪٽر محمد معز ۽ خاتون اول ساجده محمد پاران فيصل مسجد جو دورو

مسجد جي تاريخ ۽ عوام جي مشاهدي جي لاءِ رکيل قرآن پاڪ جي نسخن ۽ مخطوطات بابت بريفنگ ڏني وئي

وفاقي وزير جنيد انوار، وفاقي تعليم ۽ پيشيوارانه تربيت واري مملڪتي وزير وجيهه قمر ۽ ٻيا عملدار پڻ موجود هئا

اسلام آباد (بيورو) مالديپ جي صدر ڊاڪٽر محمد معز ۽ خاتون اول ساجده محمد فيصل مسجد جو دورو ڪيو جتي کين مسجد جي تاريخ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 13

لاهور هاءِ ڪورٽ عمران خان جي ڀينرن جي بازيابي واري ڪيس ۾ پنجاب جي گهرو وزير ۽ جيل سپرينٽينڊنٽ کي ذاتي حيثيت ۾ طلب ڪري ورتو

لاهور (م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ عمران خان جي ڀينرن جي بازيابي واري ڪيس ۾ پنجاب جي گهر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 33

ماليات ۽ وفاقيت بابت مسئلا حل ڪرڻا پوندا: بلال اظهر ڪياني

ڊگهي مدت جي بنياد تي گهربل نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ ماليات ۽ وفاقيت بابت مسئلا حل ڪرڻا پوندا

پاڪستان معاشي استحڪام حاصل ڪرڻ ۾ اهم اڳڀرائي ڪئي آهي، پاليسي ريٽ مهانگائي ۾ گهٽتائي آئي آهي

اسلام آباد (بيورو) ناڻي ۽ محصولن واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني چيو آهي ته معاشي استحڪام کان پوءِ روانگي واپار تي ب/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 34

اسلام آباد: مالديپ جي صدر ۽ خاتون اول پاران فيصل مسجد جو دورو ڪندي

پاڪستان جي ايپرنڊز نمايان حيثيت کي آمريڪي مارڪيٽ ۾ موثر واپاري حصيدار طور متعارف ڪرائڻ جي ضرورت آهي: رضوان سعيد شيخ

پاڪ_آمريڪا ٽيڪ ڪنيڪٽ 2026ع جو مقصد ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ فني ۽ ڪمرشل هم آهنگي ۽ پائيواري لاءِ نيون راهون هموار ڪرڻ آهي

سفارتخاني ۾ پاڪ_آمريڪا ٽيڪ ڪنيڪٽ 2026ع جي ٽئين ايڊيشن جو ڪامياب انعقاد ڪيو ويو

پاڪ_آمريڪا ٽيڪ ڪنيڪٽ 2026ع ۾ پاڪستان جي آئي ٽي ڪمپنين، آمريڪي ماهرن، سيڙپڪارن ۽ پائيوارن ڀرپور شرڪت ڪئي

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪا ۾ پاڪستان جي سفير رضوان سعيد شيخ چيو آهي ته عالمي منظرنامي ۾ پاڪستان جي ايپرنڊز نمايان حيثيت کي آمريڪي مارڪيٽ ۾ موثر واپاري حصيدار طور متعارف ڪرائڻ جي ضرورت آهي. پاڪ_آمريڪا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 12

ڪراچي ۾ جاري ترقياتي ڪمن جو مرتضيٰ وهاب پاران دورو

ترقياتي منصوبن کي جلد کان جلد مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

اسان تي تنقيد ڪندڙ ان ڳالهه تي ناراض آهن ته شهر ۾ ايترا ترقياتي ڪم ڇو ٿي رهيا آهن

اسان جي ترجيح سياسي بيان بازي نه، پر عملي قدم کڻي شهر ۽ شهرين جا مسئلا حل ڪرڻ آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب شهر ۾ جاري ترقياتي ڪمن جو دورو ڪيو ۽ چيو آهي ته ترقياتي منصوبن کي جلد کان جلد مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. دوري دوران ڳالهائيندي ميئر مرتضيٰ وهاب چيو ته ا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر 35

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
جمعو 23 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 11 جمادي الاول 1448هه

سنڌ ۽ سنڌو به ريڊ لائين آهن

پاڻي ڪنهن به ملڪ جي بقا، زراعت، معيشت ۽ انساني زندگيءَ جو بنيادي سهارو آهي. وزيراعظم شهباز شريف جو اهو بيان ته پاڻي پاڪستان جي ريڊ لائين آهي ۽ پاڻي روڪڻ جي ڪنهن به ڪوشش کي جنگي ڪارروائي تصور ڪيو ويندو، پاڻيءَ جي اهميت کي اجاگر ڪري ٿو. ڀارت پاران سنڌو پاڻي معاهدي کي هڪ طرفي طور معطل ڪرڻ واري فيصلي تي پاڪستان جو اعتراض به پنهنجي جاءِ تي اهم آهي، پر وزيراعظم صاحب کي اهو به سمجهڻ گهرجي ته سنڌ جا ماڻهو به سالن کان اهوئي مطالبو ڪري رهيا آهن ته سنڌ جي وحدت ۽ سنڌو درياهه سنڌن ريڊ لائين آهن، جن تي ڪو به ناهه قبول نه ڪيو ويندو.

سنڌ پاڪستان جي قيام ۾ تاريخي ڪردار ادا ڪيو ۽ سنڌ جي ماڻهن هن ملڪ جي تعمير ۽ ترقيءَ لاءِ پنهنجو حصو ادا ڪيو آهي. ان ڪري سنڌ جي ماڻهن جو اهو جائز مطالبو آهي ته ڪين سنڌن آئيني حق ملن، وسيلن جي منصفاڻي ورڇ ٿئي ۽ سنڌن تاريخي سڃاڻپ ۽ جاگرافيائي وحدت جو احترام ڪيو وڃي. سنڌو درياهه رڳو پاڻيءَ جو ذريعو ناهي، پر سنڌ جي تهذيب، زراعت، معيشت ۽ لکين ماڻهن جي زندگيءَ جو بنياد آهي. درياهه جي هيٺين وهڪري ۾ پاڻيءَ جي کوٽ سان زرعي زمينون، پيئڻ جي پاڻيءَ جا ذريعا، سامونڊي پٽي ۽ سنڌ جو ڊيلٽا متاثر ٿين ٿا. تنهنڪري سنڌوءَ جي قدرتي وهڪري کي يقيني بڻائڻ وفاقي حڪومت جي اهم ذميواري آهي.

جيڪڏهن پاڪستان ٻاهرين ملڪ پاران پاڻي روڪڻ کي پنهنجي سلامتيءَ لاءِ خطرو سمجهي ٿو ته ملڪ اندر سنڌ جي پاڻيءَ بابت خدشن کي به ساڳي سنجيدگيءَ سان حل ڪرڻ گهرجي. 1991ع جي پاڻي ناهه تي عمل، پاڻيءَ جي شفاف ورڇ ۽ لاڳاپيل ادارن جي اثرائتي نگرانيءَ ذريعي صوبن وچ ۾ اعتماد بحال ڪري سگهجي ٿو. پاڻيءَ جي ورڇ ۾ ڪنهن به قسم جي ناانصافيءَ جو تاثر ختم ڪرڻ لاءِ انگ اکر ۽ فيصلا شفاف رکڻ ضروري آهن، ڇاڪاڻ ته پاڻيءَ جي کوٽ جو بار سڀ کان وڌيڪ آبادگارن، هارين ۽ عام ماڻهن کي برداشت ڪرڻو پوي ٿو.

سنڌ جي حقن جو معاملو رڳو پاڻيءَ تائين محدود ناهي، پر قومي مالياتي ڪميشن ايوارڊ، مالي وسيلن جي منصفاڻي ورڇ ۽ ترقياتي منصوبن ۾ مناسب حصي جو سوال به اهم آهي. سنڌ پاڪستان جي معيشت ۾ زراعت، صنعت، واپار ۽ بندرگاهن ذريعي وڏو حصو ادا ڪري ٿي، تنهنڪري سنڌ جي مالي ۽ ترقياتي ضرورتن کي نظرانداز ڪرڻ سان عوام ۾ بي چيني وڌندي. وفاقي حڪومت کي گهرجي ته اين ايف سي ايوارڊ ۽ ٻين آئيني معاملن تي صوبن سان سنجيده ڳالهه ٻولهه ڪري ۽ سنڌن جائز خدشن جو حل ڪڍي.

سنڌ جي وحدت بابت خدشن کي به سياسي اختلاف سمجهي نظرانداز نه ڪرڻ گهرجي. سنڌ جي تاريخ، ٻولي، ثقافت ۽ سڃاڻپ ان جي ماڻهن لاءِ بنيادي اهميت رکن ٿا. وفاق جي مضبوطيءَ لاءِ ضروري آهي ته صوبن جي وحدت، وسيلن ۽ آئيني حقن جو احترام ڪيو وڃي. اهڙي ئي ريت خيبرپختونخواهه ۽ بلوچستان جي ماڻهن جا خدشا به ٻڌڻ ۽ حل ڪرڻ گهرجن، ڇاڪاڻ ته وفاق تڏهن مضبوط ٿيندو، جڏهن سمورن صوبن کي برابريءَ جي بنياد تي حق ۽ انصاف ملندو.

وزيراعظم شهباز شريف کي گهرجي ته پاڻيءَ بابت پنهنجي بيان کي عملي قدمن ۾ تبديل ڪري، سنڌو درياهه جي مناسب وهڪري، پاڻيءَ جي منصفاڻي ورڇ، اين ايف سي ايوارڊ تي عمل ۽ سنڌ جي وحدت بابت خدشن جي خاتمي لاءِ اثرائتي حڪمت عملي اختيار ڪري. سنڌ جا ماڻهو ڪنهن ٻئي صوبي جا حق گهٽائڻ نٿا چاهين، پر پنهنجن جائز حقن جو تحفظ گهرن ٿا. پاڪستان جي خودمختياري ۽ سلامتيءَ وانگر سنڌ جي وحدت ۽ سنڌو درياهه جو تحفظ به اهم آهي. وزيراعظم صاحب کي سنڌ جي ماڻهن جي آواز سان گڏ خيبرپختونخواهه ۽ بلوچستان جي عوام جا خدشا به ٻڌڻ گهرجن، ڇو ته انصاف، برابري ۽ اعتماد ئي وفاق جي مضبوطيءَ جا بنيادي ٿنڀ آهن.

حڪمران اتحاد کي گورنر راڄ واري فيصلي جي قيمت ادا ڪرڻي پوندي؟

زاهد حسين

جمهوريت ۾ پارليامينٽ جو ڪم رڳو قانون ٺاهڻ نه هوندو آهي، پر ان کان اها اميد به ڪئي ويندي آهي ته اها قومي مفادن جو تحفظ ڪري ۽ اهم پاليسي معاملن تي غور ويچار ڪري. پر لڳي ٿو ته اهو معيار اسان جي پارليامينٽ تي لاڳو نٿو ٿئي. عوام جي ’نمائندن‘ کي ڪنهن وڏي پرڏيهي يا قومي سلامتيءَ جي معاملي تي بحث ڪندي گهٽ ئي ڏٺو ويو آهي، جڏهن ته آئين ۾ اهم ترميمن ۽ قانونسازيءَ تي به ڪا بامقصد بحث مباحثو نٿو ٿئي. ملڪ جي سڀ کان وڏي قانونساز اداري جي اها بي اثري، وڌندڙ آمراڻن روين جي پسمنظر ۾ جمهوريت جي خراب حالت جي عڪاسي ڪري ٿي. گذريل هفتي پارليامينٽ جي ٻنهي ايوانن ڪجهه ئي ڪلاڪن اندر ٻه ڀاڱي ٽي اڪثريت سان هڪ چونڊيل صوبائي حڪومت کي ختم ڪرڻ ۽ صوبي ۾ هنگامي حالت لاڳو ڪري گورنر راڄ قائم ڪرڻ جي فيصلي جي منظوري ڏئي ڇڏي، پر ان تي ڪو به بامقصد بحث نه ٿيو. هڪ انتهائي تڪراري معاملي کي چند ڪلاڪن اندر اڪلائي ڇڏيو ويو. حڪمران اتحاد جي ڪجهه وزيرن ۽ اڳواڻن اهڙي صوبائي حڪومت خلاف ڪارروائيءَ جو جواز پيش ڪيو، جنهن کي اسيمبليءَ جي ميمبرن جي اڪثريت جي حمايت حاصل هئي. ان سان گڏ صوبي جي وڏي وزير ۽ سندس حڪومت جي ميمبرن کي گرفتار ڪيو ويو. اهو واضح هو ته اهو فيصلو اڳ ئي ڪنهن ٻئي هنڌ ڪيو ويو هو ۽ پارليامينٽ، جنهن جي قانوني ۽ جمهوري حيثيت پاڻ تڪراري آهي، کان هميشه وانگر رٻڙ ان تي ٺپو هڻڻ جي اميد ڪئي پئي وئي. ممڪن آهي ته گهڻن ميمبرن کي انهن آئيني شقن جي به سمجهه نه هجي، جن تحت صوبي ۾ هنگامي حالت لاڳو ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو، يا ڪين اها خبر به نه هجي ته اهي شقون موجوده حالتن تي لاڳو ٿين ٿيون يا نه. اهو سڄو عمل ڄڻ ڪٺ پتليءَ جو تماشو لڳي رهيو هو. پر هيءَ پهرين ڀيري نه هئي، جو هن پارليامينٽ اکيون ٻوتي حڪمرانن جي حڪمن تي عمل ڪيو هجي. گذريل ٻن سالن دوران پارليامينٽ 26هين ۽ 27هين آئيني ترميمن جي منظوري ڏني، جن عدليه جي آزاديءَ تي ڌڪ آئين جي بنيادي روح کي لڳ ڀڳ تباهه ڪري ڇڏيو آهي. شايد اهو اسان جي پارلياماني تاريخ جو سڀ کان شرمناڪ لمحو هو. وزيرن کي اجلاس کان رڳو ڪجهه ڪلاڪ اڳ ترميمن جو مسودو ڏيکاريو ويو، جڏهن ته ميمبرن کي ايوان اندر ئي ان جون ڪاپيون ڏنيون ويون. انهن مان گهڻن اهم آئيني ترميمن جي حق ۾ ووٽ ڏيڻ کان اڳ مسودو پڙهيو به نه هو. اهي ترميمون رات وچ ۾ منظور ڪيون ويون. اهو ياد ڪرڻ به ڏکيو آهي ته پرڏيهي پاليسي يا قومي سلامتيءَ جي ڪنهن معاملي تي پارليامينٽ يا ان جي ڪميٽين ۾ ڪڏهن بحث ٿيو هجي. اهو سوال به پيدا ٿئي ٿو ته ڇا اهڙين پاليسين تي ڪابينا ۾ به بحث ڪري منظوري ڏني ويندي آهي؟ خيبر پختونخوا ۾ ڪارروائيءَ لاءِ حڪومت جو بنيادي دليل اهو آهي ته صوبائي حڪومت ان صوبي ۾ دهشتگرديءَ خلاف ڪارروائين ۾ سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار نه هئي، جيڪو شدت پسندن جي تشدد ۾ ٻيهر واڌ سبب سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيو آهي. حڪمران اتحاد کي پنهنجن غير جمهوري قدمن جي وڏي سياسي قيمت ادا ڪرڻي پوندي. پر هڪ سوال جو جواب ڪڏهن به نٿو ڏنو وڃي ته ڇا رياست وٽ دهشتگرديءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪا واضح، جامع ۽ مجموعي پاليسي موجود آهي؟ ۽ جيڪڏهن اهڙي پاليسي موجود آهي ته ڇا ان تي ڪڏهن ڪابينا ۾ بحث ڪيو ويو آهي؟ پارليامينٽ يا ان جي ڪنهن ڪميٽيءَ ۾ ان کي غور ويچار لاءِ پيش ڪرڻ ته پري جي ڳالهه آهي. حقيقت اها آهي ته اسان کي هن وجودي خطري کي منهن ڏيڻ بابت ڪا واضح حڪمت عملي نظر نٿي اچي. گذريل پنجويهن سالن کان مان پاڪستان ۾ دهشتگرديءَ خلاف جدوجهد کي ويجهي کان ڏسندو ۽ ان بابت تفصيل سان لکندو رهيو آهيان. مان يقين سان چئي سگهان ٿو ته رياست پاڻ جنهن مسئلي جي ذميوار رهي آهي، ان کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪڏهن به جامع حڪمت عملي اختيار نه ڪئي وئي آهي. اڄ به جڏهن شدت پسندن جي حملن ۾ وڌيڪ سيڪيورٽي اهلڪارن جون جانيون ضايع ٿي رهيون آهن، تڏهن رياست رڳو هڪ طرفي پاليسيءَ تي عمل ڪري رهي آهي، جنهن تحت متاثر علائقن ۾ فوجي ۽ هٿياربند ڪارروائين تي ڀاڙيو پيو وڃي. انهن ڪارروائين جا نتيجا به محدود رهيا آهن. پاڻ کي ’سخت رياست‘ سڏائڻ جي دعوائن باوجود اها مونجهاري واري صورتحال برقرار آهي.

بلوچستان، جيڪو هڪ ٻيو اهم اسٽريٽجڪ صوبو آهي، گذريل 25 سالن کان وڌيڪ عرصي کان وڌندڙ عليحدگي پسند شدت پسنديءَ سبب بدامنيءَ جو شڪار آهي. نتيجي ۾ رياست صوبي جي وڏن علائقن تي پنهنجو ڪنٽرول وڃائي چڪي آهي، جڏهن ته اتي هڪ اهڙي صوبائي حڪومت قائم آهي، جنهن کي حقيقي عوامي نمائندگي حاصل ناهي. تنهن هوندي به اهڙي سنگين قومي سلامتيءَ جي معاملي تي نه ڪابينا جو ڪو اختيار نظر اچي ٿو ۽ نه ئي پارليامينٽ جو. خيبر پختونخوا جي بگڙجندڙ صورتحال جو ذميوار برطرف ٿيل صوبائي حڪومت کي قرار ڏنو پيو وڃي، پر بلوچستان جي حالتن جو ذميوار ڪير آهي؟ حقيقت اها آهي ته بلوچستان بابت پاليسي موجوده سول حڪومتي نظام يا نام نهاد عوامي نمائنده پارليامينٽ جي دائري اختيار کان ٻاهر آهي.

اها ڪا حيرت جي ڳالهه ناهي ته پرڏيهي پاليسيءَ جو هڪ اهم معاملو، يعني پاڪستان پاران ٽن ملڪن وچ ۾ ٿيل ’مڪه گڏيل دفاعي معاهدي‘ تي صحيحون ڪرڻ، پارليامينٽ کان منظور نه ڪرايون ويون آهن؛ يا وڌيڪ صحيح لفظن ۾ چئجي ته ان تي پارليامينٽ جو ٺپو نه لڳرايو ويو. معاهدي تي صحيح ڪندڙ ٻيو ملڪ ترڪيه اڃا تائين پنهنجي پارليامينٽ جي منظوريءَ جو انتظار ڪري رهيو آهي. هي پرڏيهي ۽ ملڪي پاليسيءَ جو انتهائي اهم معاملو آهي، جنهن جا ڊگهي مدي وارا اثر پئجي سگهن ٿا. خاص طور تي اهڙي ملڪ لاءِ، جيڪو اڳ ئي ڪيترن ئي چئلينجن کي منهن ڏئي رهيو آهي. اهو سوال به موجود آهي ته سعودي عرب تي حوثين جي حملن ۾ واڌ ٿيڻ جي صورت ۾ ڇا هن معاهدي تي عمل شروع ڪيو ويندو؟ هڪ فرمانبردار پارليامينٽ کي عدليه جي آزادي ۽ اظهار جي آزاديءَ کي محدود ڪندڙ تڪراري آئيني ترميمن ۽ قانونن جي منظوريءَ لاءِ آسانيءَ سان استعمال ڪيو ويو آهي. ان سان گڏ ملڪ جي انتظامي ڍانچي کي نئين سر ترتيب ڏيڻ بابت به گهڻي عرصي کان بحث جاري آهي. ملڪ جي انتهائي بااختيار ۽ هر هنڌ موجود نظر ايندڙ گهرو وزير عوامي طور اعلان ڪيو آهي ته موجوده نظام ناڪام ٿي چڪو آهي ۽ ان کي مڪمل طور نئين سر جوڙڻ جي ضرورت آهي. پر سوال اهو آهي ته انتظامي ڍانچي جي هن تجويز ڪيل نئين سر جوڙجڪ جو مطلب ڇا آهي؟ ۽ ان جو موجوده گڏيل يا هائبرڊ اقتداري ڍانچي ۽ پارليامينٽ تي ڪهڙو اثر پوندو؟ ڪيترن ئي حلقن ۾ اهو خيال موجود آهي ته خيبر پختونخوا ۾ هنگامي حالت لاڳو ڪرڻ سڄي ملڪ ۾ اهڙي صورتحال لاڳو ڪرڻ جو پهريون قدم ٿي سگهي ٿو. ڇا اها پارليامينٽ، جنهن خيبر پختونخوا ۾ هنگامي حالت جي منظوري ڏني آهي، اهڙي ڪنهن قدم تي به ٺپو هڻي ڇڏيندي، جيتوڻيڪ ان سان پارليامينٽ جا پنهنجا اختيار وڌيڪ محدود ٿي ويندا؟ هنگامي حالت لاڳو ڪرڻ جو هڪ مقصد انتظامي يونٽن جي نئين سر جوڙجڪ لاءِ رستو صاف ڪرڻ به آهي. اهو هڪ انتهائي حساس ۽ تڪراري معاملو آهي، خاص طور تي حڪمران اتحاد جي ڪجهه جماعتن، جن ۾ پيپلز پارٽي به شامل آهي، لاءِ. سنڌ اسيمبلي اڳ ئي انتظامي تبديلين جي مخالفت ۾ ٺهراءُ منظور ڪري چڪي آهي. تنهن هوندي به، پنهنجي تڪراري قانوني ۽ جمهوري حيثيت سبب پارليامينٽ لاءِ اهڙي قدم جي مخالفت ڪرڻ انتهائي ڏکيو هوندو. جيڪو ملڪ ۾ آمرانه حڪمرانيءَ کي وڌيڪ مضبوط ڪري سگهي ٿو. حڪمران اتحاد، جنهن خيبر پختونخوا ۾ هنگامي حالت لاڳو ڪرڻ، عدليه جي آزادي محدود ڪندڙ تڪراري آئيني ترميمن ۽ ميڊيا کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ پيڪا قانونن جي ڀرپور حمايت ڪئي آهي، تنهن کي پنهنجن غير جمهوري قدمن جي وڏي سياسي قيمت ادا ڪرڻي پوندي. اهي قدم سڄي نظام کي ختم ڪرڻ لاءِ راهه هموار ڪري رهيا آهن. ملڪ تي آمرانه حڪمرانيءَ جا پاڇا وڌيڪ گهرا ٿي رهيا آهن، جڏهن ته هڪ اهڙي پارليامينٽ، جنهن جي مينڊيٽ تي شڪ ڪيو پيو وڃي، پنهنجا باقي بچيل ٿورا اختيار به اڳ ئي حوالي ڪري چڪي آهي. چوري ڪيل مينڊيٽ تي ٻڌل نظام جو خاتمو هاڻي ويجهو نظر اچي رهيو آهي، جڏهن ته ان جا سرپرست هڪ نئين نظام جي تياري ڪري رهيا آهن. اهو ملڪ کي وڌيڪ پوئتي ڌڪڻ برابر هوندو ۽ اڳ ئي غير مستحڪم رياست کي هڪ خطرناڪ رستي تي وٺي ويندو.

ايم_6: پنجاب کي موٽرويز ۽ سنڌ کي رڳو پيڙهه جا پٿر مليا

اسحاق سومرو

پاڪستان جي سامونڊي بندرگاهن کي ملڪ جي اندرين شهرن، خشڪيءَ وارن واپاري بندرگاهن ۽ منڊين سان ڳنڍيندڙ موٽروي شروع کان ئي قومي ترجيح هئڻ گهرجي ها. پر موٽرويز جو جار پنجاب ۾ پکڙجندو رهيو، جڏهن ته سنڌ مان گذرندڙ ان جي لازمي ڳانڍاپي واري ڪڙي اڻپوري رهي. سنڌ کي اهو سوال پڇڻ جو حق آهي ته وفاقي حڪومت ڪجهه علائقن لاءِ وسيلا کولي وٺي ٿي، پر سنڌ کي وري وري سيڙپڪارن، مالي بندوبست ۽ پيڙهه جو پٿر رکڻ جي هڪ ٻي تقريب جو انتظار ڇو ڪرڻو پوي ٿو؟

وفاقي وزير عبدالعليم خان جي تصويرن سان هلرايل اشتهار هاڻي سوشل ميڊيا تي اڪثر نظر اچن ٿا، جن ۾ ڊگهي عرصي کان دير جو شڪار ايم_6 موٽروي تي اڳيرائيءَ جا اعلان ڪيا پيا وڃن. انهن اشتهارن موجب 70 ڪروڙ 50 لک آمريڪي ڊالر، يعني لڳ ڀڳ 200 ارب رپيا مختص ڪيا ويا آهن، ۽ نومبر 2026ع ۾ پيڙهه جو پٿر رکڻ کان پوءِ روهڙيءَ کان راڻيپور تائين لڳ ڀڳ 60 ڪلوميٽر حصي جي اڏاوت شروع ٿيندي. اڏاوت جو عملي آغاز يقيناً آجيان جوڳو هوندو. پر سالن جي اعلانن کان پوءِ سنڌ جي ماڻهن جو زمين تي ٿيندڙ ڪم ڏسي اڳيرائيءَ جو اندازو لڳائڻ بلڪل جائز آهي. سکر پرسان روهڙيءَ کي حيدرآباد پرسان ڄامشوري سان ڳنڍيندڙ 306 ڪلوميٽر ڊگهي ايم_6، پشاور کان ڪراچيءَ تائين موٽروي راهداريءَ جي هڪ اهم اڻپوري ڪڙي آهي. لڳ ڀڳ 400 ارب رپين جي ڪاٽي واري هن منصوبي کي، اطلاعن موجب، پنجن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. ٻڌايو وڃي ٿو ته ٽن حصن لاءِ اسلامي ترقياتي بئنڪ ۽ اوپيڪ فنڊ وٽان مالي وسيلا حاصل ڪيا ويا آهن، جڏهن ته باقي ٻه حصا سرڪاري ۽ نجي ڀائيواري يا تعمير، هلائڻ ۽ منتقلي، يعني بي او ٽي، جي بندوبست هيٺ ٺاهڻ جي رٿ آهي. سنڌ مان گذرندڙ هن اهم قومي ڳانڍاپي جي تڪميل لاءِ ايڏي ڊگهي مالي جاکوڙ ڇو ڪرڻي پئي آهي؟

ايم_6 لاءِ 2016ع ۾ دلچسپي ظاهر ڪرڻ جون درخواستون گهرايون ويون هيون. اطلاعن موجب مالي تنگي سبب 2018ع ۾ منصوبو پاسيرو رکيو ويو، جڏهن ته نيشنل هاءِ وي اٿارٽي اهڙو طريقو ڳوليندي رهي، جنهن ۾ حڪومت کي مالي وسيلا فراهم نه ڪرڻا پون. مختلف مرحلن تي چائنا اسٽيٽ ڪنسٽرڪشن انجنيئرنگ ڪارپوريشن، شينڊونگ، ايف ڊبليو او ۽ سائنو هائيڊرو جي گڏيل منصوبي، چائنا ڪميونيڪيشنز، ٽيڪنو، سي ايم سي ۽ اي سي سي جي گڏيل اتحاد، اٽليءَ جي سي ايم سي ۽ زيڊ ڪي بي سميت مختلف ڪمپنين ۽ اتحادين جون تجويزون سامهون آيون. پر انهن ڪوششن جي نتيجي ۾ اڏاوت شروع نه ٿي سگهي.

وزيراعظم شهباز شريف 13 ڊسمبر 2022ع تي منصوبي جو پيڙهه جو پٿر رکيو، پر ڪم شروع نه ٿيو. مارچ 2025ع ۾ مالي وسيلا ۽ سيڙپڪار آڻڻ لاءِ منصوبي کي پنجن حصن ۾ ورهايو ويو. هاڻي هڪ ٻي افتتاحي تقريب جي مشهوري ڪئي پئي وڃي، جيتوڻيڪ ٻن حصن لاءِ مالي بندوبست اڃا به غيريقيني آهي. ڪمپنين جا نالا، تجويزون ۽ مالي طريقا بدلجندا رهيا، جڏهن ته سنڌ جو انتظار ڊگهو ٿيندو ويو. اهڙو ڊگهو ۽ بي نتيجي عمل اهو تاثر پيدا ڪري ٿو ته سيڙپڪارن جي ڳولا موٽروي ٺاهي ڏيڻ بدران وقت ٽارڻ جي مشق بڻجي وئي.

سنڌ، ڪراچي کان حيدرآباد تائين ايم_9 جي معاملي ۾ به اهڙي ئي ڪهاڻي ڏسي چڪي آهي.

ايم_9 لاءِ 1998ع ۾ دلچسپي ظاهر ڪرڻ جون درخواستون گهرايون ويون هيون. مختلف مرحلن تي ملائيشيا جي بينا پوري هولڊنگز، چائنا روڊ اينڊ برج ڪارپوريشن، سامبو، هڪ ترڪ ڪمپني، اين ايل سي، اي او بي آءِ ۽ ٻين ادارن جون تجويزون سامهون آيون. پر انهن تجويزن مان ڪو اهڙو حتمي بندوبست نه ٿي سگهيو، جنهن تحت اڏاوت شروع ٿئي ها.

صدر آصف علي زرداريءَ مارچ 2013ع ۾ پيڙهه جو پٿر رکيو، پر ڪم شروع نه ٿيو. مارچ 2015ع ۾ وزيراعظم نواز شريف جي دور ۾ ٻيو ڀيرو پيڙهه جو پٿر رکيو ويو، جنهن کان پوءِ ايف ڊبليو او بي او ٽي جي بندوبست هيٺ اڏاوت شروع ڪئي. پهريون ڀيرو دلچسپيءَ جون درخواستون گهرائڻ کان عملي ڪم جي شروعات تائين لڳ ڀڳ 17 سال گذري چڪا هئا. عوام لاءِ تجويزن، ڳالهين ۽ تقريبن جو اهو لڳاتار سلسلو بي نتيجي رهيو، وقت گذرندو ويو، پر سنڌ هڪ ضروري سفري ۽ واپاري ڳانڍاپي جي اوسيئڙي ۾ رهي.

ايم_9 مڪمل ٿيڻ کان پوءِ به ان جي ڊزائن، معيار ۽ ڳري واپاري ٽريفڪ لاءِ موزون هجڻ بابت خدشا برقرار رهيا. پوءِ ڪراچي ۽ حيدرآباد وچ ۾ هڪ الڳ موٽروي، جنهن کي ايم_10 چيو ويو، ٺاهڻ جون تجويزون سامهون آيون ته هڪ ٻيو سوال به اڀريو: هن اهم رستي کي شروع ۾ ئي

ايل پي جي جا وڌندڙ ريٽ ۽ پاڪستان جي غريب عوام

نويد ممتاز عباسي

دنيا جا خصوصاً ايشيا جا ڪيترائي ملڪ جيڪي سرمائيدارن، سياستدانن، ڪامورن ۽ اسٽيبلشمينٽ جي حوالي هوندا آهن. جتي عوام جي مٿان مهانگائي جا

ايٽم بم صرف ان ڪري ڪيرائيا ويندا آهن ته جيئن سرمائيدار پنهنجي ۽ پنهنجي اولاد جي عياشين لاءِ غريب عوام جي اولاد جو معاشي قتل ڪري سگهن. ملڪ جي پهرين نمبر صنعتي شهر ڪراچي جتي اڄ ڪان مٿي ملڪ جي مختلف علائقن جا ماڻهون آباد آهن هتي سوئي گيس ته نالي ماتر ملي ٿي ماڻهن ايل پي جي جو استعمال ڪن ٿا اهو به هاڻي پيٽرول وانگر غريب جي پهچ ڪان ٻاهر ٿيندي پئي وڃي ماڻهون حڪومت ڪان تنگ ٿي ڪورٽ سڳورين جي دروازي تي ويندا هئا اهو به 27 ترميم ڪانپوءِ غريب عوام لاءِ بند ٿي ويو جتي حڪومت جي ناانصافين لاءِ ڪو به ادارو ڪيس نه ٿو ٻڌي سگهي هتي ماڻهون وڌندڙ مهانگائي ڪان تنگ ٿي پنهنجي ٻچن سان گڏ خود خوشيون ڪندا آهن ۽ حڪومت مذهمتي بيان جاري ڪندي رهندي آهي. حڪومت کان گزارش آهي ته ايل پي جي جي ريٽن تي ڪنٽرول ڪري ڪميشن معافيا جي خلاف قدم کڻي ته جيئن غريب عوام هڪڙي وقت جي ماني کائي سگهي جنهن مزدور جي ڏهاڙي روز 800 روپيا آهي هو اٽو وٺي يا ايل پي جي جو ڪلو 550 روپيا پرائي. خدا جي واسطي سرڪار غريب عوام تي رحم ڪري.

بقايا *** 01

پشاور ۾ ٿيل اجلاس ۾ فيلڊ مارشل عاصم منير، نائين وفاقي وزير محمد اورنگزيب، گهرو وزير محسن نقوي، قانون واري وزيراعظم نذير تارڙ، اطلاعات واري وزير عطا تارڙ، امير مقام، رانا ثناءالله، گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي، چيف سيڪريٽري، آءِ جي پوليس ۽ ڪور ڪمانڊر پشاور سميت ٻين لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي. ذريعن موجب اجلاس ۾ صوبي جي سياسي صورتحال ۽ تازين اڳيرائين جو جائزو ورتو ويو جڏهن ته دهشتگرديءَ جي مڪمل خاتمي لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو ويو اجلاس کي خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته آخري دهشتگرد جي خاتمي تائين سک سان نه ويهنداسين. اسان جي جوانن ۽ آفيسرن جون قربانيون رائيگان نه وينديون. هن چيو ته صوبي جي پوليس، سيف سٽيز منصوبن ۽ دهشتگرديءَ جي خاتمي واري کاتي (سي ٽي ڊي) کي جيڪا به مدد گهربل هوندي، وفاقي حڪومت فراهم ڪندي. هن چيو ته خيبرپختونخوا بهادر ۽ غيرتمند ماڻهن جو خوبصورت صوبو آهي، ان کي بدامنيءَ جي ور چاڙهي اڪيلو ناٿا ڇڏي سگهون. گذريل ڪجهه سالن ۾ پيدا ڪيل حالتن سبب صوبو سخت متاثر ٿيو آهي. جڏهن ته سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن وڏين قربانين سان ملڪ مان دهشتگرديءَ جو خاتمو ڪيو هو ۽ 2018ع تائين صوبي ۾ مڪمل امن قائم ٿي چڪو هو. وزيراعظم شهباز شريف الزام لڳايو ته امن قائم ٿيڻ کانپوءِ پي ٽي آءِ جي دور ۾ دهشتگردن کي ٻيهر واپس آندو ويو، جنهن سبب سيڪيورٽي فورسز جي قربانين تي پاڻي ڦري ويو ۽ صوبي جي عوام کي ان جو نقصان ڀوڳڻو پيو. هن چيو ته انهن قربانين جو احساس ۽ احترام نه ڪرڻ کان وڏي ملڪ دشمني ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي. پي ٽي آءِ جي دور ۾ تعليم، صحت، امن ۽ عوامي ڀلائيءَ جي ٻين شعبن کي نظرانداز ڪيو ويو، جنهن کي مجرمانه غفلت ۽ بي حسيءَ کانسواءِ ٻيو نالو نٿو ڏئي سگهجي. سندس چوڻ هو ته انهن ئي سببن ڪري گذريل ڪجهه سالن دوران دهشتگرديءَ ۾ ٻيهر اضافو ٿيو. وزيراعظم موجب، گذريل صوبائي حڪومت جي دور ۾ پوليس جون 5 هزار خالي جايون ڀريون نه ويون، جڏهن ته خيبرپختونخوا ۾ سيف سٽيز منصوبو اڃا تائين مڪمل ناهي ٿي سگهيو. هن چيو ته صوبي ۾ سي ٽي ڊي جي صلاحيت وڌائڻ ۽ پوليس جي تربيت تي به گهربل ڌيان نه ڏنو ويو هن دعويٰ ڪئي ته اين ايف سي ايوارڊ تحت خيبرپختونخوا کي دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ 800 ارب رپيا ڏنا ويا، پر ان باوجود دهشتگردي ختم ٿيڻ بدران وڌيڪ شدت سان سامهون آئي. سيڪيورٽي فورسز کي گهربل تربيت، جديد هٿيار ۽ ٻيا ضروري اوزار به فراهم نه ڪيا ويا. شهباز شريف چيو ته وفاقي حڪومت پي ٽي آءِ جي وزيراعليٰ کي يقين ڏياريو هو ته دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ وفاق صوبي سان گڏ بيٺل آهي. وزيراعظم چيو ته گذريل اڍائي سالن دوران ملڪ جي معيشت کي بحال ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات محنت ڪئي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ سياسي ۽ عسڪري قيادت جي گڏيل ڪوشش سان معيشت مستحڪم ٿي آهي. هن سوال اٿاريو ته ڇا وفاقي حڪومت خيبرپختونخوا کي وڌيڪ بدامنيءَ جي باهه ۾ سڙندو ڏسندي رهي ها؟ سندس چوڻ هو ته سياسي ڪميٽي قائم ڪئي وئي، جنهن 48 ڪلاڪن تائين ڳالهين ۾ ڀرپور ڪوششون ڪيون، پر صوبي ۾ جاري خونريزيءَ کي آخر ڪيستائين برداشت ڪري سگهجي پيو؟وزيراعظم ٻڌايو ته خيبرپختونخوا جي انتهائي خراب صورتحال تي صدر سان ٻيهر صلاح مشورو ڪيو ويو، جنهن کانپوءِ صوبي بابت سخت فيصلا ڪرڻا پيا. شهباز شريف چيو ته خيبرپختونخوا جا ماڻهو گذريل 13 سالن کان پنهنجن مسئلن جي حل لاءِ واجهائي رهيا آهن. هن ٻڌايو ته مشاورتي ڪائونسل قائم ٿي چڪي آهي، جنهن ۾ مختلف شعبن جا قابل ۽ ايماندار ماهر شامل آهن. وزيراعظم الزام لڳايو ته ڪرپشن جي خاتمي جي نالي تي ووٽ وٺندڙ جماعت پاڻ ڪرپشن ۾ ٻڏل آهي ۽ صوبي ۾ بدعنوانيءَ جون نيون ڪهاڻيون سامهون اچي رهيون آهن. هن دعويٰ ڪئي ته خيبرپختونخوا ۾ پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جي منصوبي ۾ 100 ارب رپين جي ڪرپشن ٿي، جڏهن ته ڪوهستان ميگا اسڪينڊل ۾ 37 ارب رپين جي بدعنواني سامهون آئي. هن پليسر گولڊ منصوبي ۾ به من پسند ماڻهن کي ٺيڪا ڏيڻ جو الزام لڳايو. وزيراعظم چيو ته خيبرپختونخوا بابت کنيل قدم لاءِ آئين ۽ قانون اختيار ڏين ٿا. هن فيصلي جي حمايت ڪرڻ تي سمورين اتحادي جماعتن، خاص طور صدر آصف علي زرداري ۽ نواز شريف جا ٿورا مڃيا. هن عزم ظاهر ڪيو ته فيلڊ مارشل جي سهڪار سان خيبرپختونخوا ۾ امن، خوشيون ۽ ترقيءَ جو دور ٻيهر واپس آندو ويندو ۽ صوبي کي ٻين صوبن جي برابر ترقي ڏني ويندي. اجلاس کي خطاب ڪندي خيبرپختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته صوبي ۾ امن قائم ڪرڻ گڏيل ترجيح آهي ۽ عوام امن توڙي ترقي چاهي ٿو هن چيو ته خيبرپختونخوا ۾ امن جي قيام لاءِ وفاقي حڪومت جو ڪردار انتهائي اهم آهي. جيڪڏهن سمورا ادارا هڪ صفحي تي هجن ته امن ۽ ترقيءَ جي عمل کي روڪي نٿو سگهجي. گورنر چيو ته صوبي مان دهشتگردن ۽ سندن سهولتڪارن جو خاتمو حڪومت جي اولين ترجيح آهي. اهڙو ماحول پيدا ڪرڻ چاهيون ٿا، جتي هر شهري پاڻ کي محفوظ سمجهي ۽ ترقيءَ جي عمل ۾ پائيدار بڻجي. فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته خيبرپختونخوا کي امن، استحڪام، ترقي ۽ خوشحاليءَ جو مثالي صوبو بڻائڻ لاءِ وفاق ۽ صوبائي ادارن وچ ۾ سهڪار ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته عوام جو تحفظ ۽ خوشحالي گڏيل ذميواري آهي.

بقايا *** 02

ڪندي معاشي صورتحال، مهانگائي ۽ معاشي واڌ بابت اهم اڳڪٿيون ڪيون آهن. رپورٽ موجب مالي سال 2025_26ع دوران پاڪستان جي معاشي شرح نمو 3.7 سيڪڙو رهي، هلندڙ مالي سال 2026_27ع دوران معاشي واڌ 3.8 سيڪڙو رهڻ جو امڪان آهي. عالمي بينڪ موجب هلندڙ مالي سال دوران پاڪستان ۾ مهانگائي جي شرح 8.2 سيڪڙو تائين پهچڻ جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي، جڏهن ته گذريل مالي سال مهانگائي جي سراسري شرح 7.1 سيڪڙو رهي. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته زرعي شعبي جي شرح نمو 2.9 سيڪڙو رهي، جنهن ۾ لائيو اسٽاڪ اهم ڪردار ادا ڪيو، جڏهن ته خدمتن جي شعبي ۾ 4.1 سيڪڙو واڌ رڪارڊ ڪئي وئي. عالمي بينڪ موجب پاڪستان جا پرڏيهي مٽاسٽا جا ذخيرا 19.7 ارب ڊالر تائين پهچي ويا آهن، جڏهن ته مجموعي مالي خسارو گهٽجي مجموعي قومي پيداوار جي 2.6 سيڪڙو جي برابر رهيو. رپورٽ موجب ايس اينڊ پي ۽ موڊيز پاڪستان جي قرضن جي ريٽنگ بهتر ڪئي، جڏهن ته پاڪستان عالمي مارڪيٽ ۾ 750 ملين ڊالر ۽ 3 ارب ڊالر جا يورو بانڊز پڻ جاري ڪيا. عالمي بينڪ جو چوڻ آهي ته وچ اوڀر ۾ جاري تڪرار سبب توانائي جي قيمتن ۾ واڌ سان پاڪستان ۾ مهانگائي جو دٻاءُ وڌيو مارچ کان جون 2026ع دوران مهانگائي جي سراسري شرح 10.2 سيڪڙو رهي، جڏهن ته مئي 2026ع ۾ اها 11.7 سيڪڙو جي بلند ترين سطح تي پهچي وئي. رپورٽ موجب فيبروري کان جون 2026ع دوران پيٽرول جي قيمت ۾ تقريبن 36 سيڪڙو، هاءِ اسپيڊ ڊيزل ۾ 31 سيڪڙو ۽ ايل پي جي جي قيمت ۾ لڳ ڀڳ 46 سيڪڙو اضافو ٿيو، جڏهن ته ٽرانسپورٽ جي ڪرائين ۾ پڻ تقريبن 30 سيڪڙو واڌ رڪارڊ ڪئي وئي.

بقايا *** 03

کي خوشگوار قرار ڏيندي سنڌن شاندار مهمان نوازي ۽ خلوص تي ٿورن جو اظهار ڪيو آهي. سماجي رابطن واري پليٽ فارم ايڪس تي پنهنجي پوسٽ ۾، مالديپ جي خاتون اول ساجده محمد چيو ته انهن کي پاڪستان جي خاتون اول بي بي آصفه ڀٽو زرداري سان ملاقات ڪري تمام گهڻي خوشي ٿي. هن ملاقات دوران گرمجوشي سان استقبال، پرخلوص مهمان نوازي ۽ لاڀائتي ڳالهه ٻولهه تي سندن ٿورا ادا ڪيا. مالديپ جي خاتون اول صدر ۽ پنهنجي اعزاز ۾ ڏنل شاندار سرڪاري ڊنر تي پڻ دل جي گهراين سان ٿورن جو اظهار ڪيو. جيڪو سندن پاڪستان جي سرڪاري دوري دوران ڏنو ويو هو. هن چيو ته مالديپ ۽ پاڪستان جي وچ ۾ دوستي گڏيل قدرن، گڏيل احترام ۽ ٻنهي ملڪن جي عوام جي وچ ۾ پراڻن محبت جي رشتن تي ٻڌل آهي. اهي قيمتي لاڳاپا ڪيترن ئي ڏهاڪن دوران وڌيڪ مضبوط ٿيا آهن ۽ وقت جي آزمائش تي پورو لهندڙ دوستيءَ جي عڪاسي ڪن ٿا.

بقايا *** 04

جو اگهه 57.63 ڊالرن جي گهٽتائي سان 4,083.11 ڊالرز في اونس جڏهن ته چانديءَ جو اگهه 1.77 ڊالرز جي گهٽتائي سان 55.95 ڊالرز في اونس رهيو اهڙي ريت جنسن ۾ مڪئي جي اگهه ۾ 0.75 ڊالر جو اضافو ٿيو جنهن کان پوءِ مڪئي 465 ڊالرز في بشل ۾ وڪرو ٿي جڏهن ته ڪڻڪ جو اگهه 0.75 ڊالر جي گهٽتائي سان 627 ڊالرز في بشل تي ويو ڪپهه جي اگهه ۾ 0.61 ڊالر جو اضافو رڪارڊ ٿيو.

بقايا *** 05

يف يونيورسٽي ۾ مبينا جعلي ڊگرين جي معاملي جي جاچ ۽ ذميوارن خلاف ڪارروائي جي هدايت سنڌ حڪومت پاڻ ڏني هئي. محمد اسماعيل راهو چيو ته جعلي ڊگرين کي رد ڪرڻ جو فيصلو به سنڌ حڪومت ئي ڪيو آهي، سنڌ جو وڏو وزير ۽ يونيورسٽين وارو کاتو ان معاملي جي وڌيڪ جاچ ڪرائي رهيا آهن. جعلي ڊگرين جي جاري ڪرڻ ۾ جيڪو به ملوث نڪتو ته ان جي خلاف قانون موجب ڪارروائي ٿيندي ۽ ملوث عنصرن جي سهولتڪارن کي به قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو صوبائي وزير چيو ته سنڌ جي سمورين سرڪاري يونيورسٽين ۾ وائيس چانسلرز جي مقرري لاءِ ميرٽ تي ٻڌل سرچ ڪميٽي جو نظام متعارف ڪرايو ويو آهي. وائيس چانسلرز جي مقررين کان وٺي يونيورسٽين جي ٻين اهم معاملن تائين قانوني طريقيڪار ۽ ميرٽ کي يقيني بڻايو پيو وڃي. هن چيو ته سرڪاري يونيورسٽين ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين جي داخلائن ۽ استادن جي ڀرتين ۾ ميرٽ کي ترجيح ڏني ويندي آهي ۽ ڪنهن کي به سياسي بنيادن تي نوازڻ جي اجازت ناهي. پيپلز پارٽي جي حڪومت سنڌ جي يونيورسٽين ۾ ميرٽ، شفافيت ۽ قانون جي بالادستي يقيني بڻائڻ لاءِ اڻٿڪ قدم کنيا آهن. محمد اسماعيل راهو ايم ڪيو ايم جي ماضي جي دور تي تنقيد ڪندي چيو ته ان وقت يونيورسٽين ۾ ميرٽ جي پامالي ۽ خوف ۽ هراس جو ماحول هو ايم ڪيو ايم جي دور ۾ يونيورسٽين جا معاملا ڪيئن هلايا ويندا هئا، اهو ماضي جو حصو آهي. جڏهن ته اڄ سنڌ جي يونيورسٽين ۾ ميرٽ ۽ شفافيت کي ترجيح ڏني پئي وڃي. صوبائي وزير ايم ڪيو ايم اڳواڻن تي زور ڀريو ته اهي تعليمي ادارن تي بي بنياد الزام لڳائڻ کان پاسو ڪن ۽ سياسي پوائنٽ اسڪورنگ لاءِ يونيورسٽين ۽ تعليمي نظام کي تڪراري بڻائڻ جي ڪوشش نه ڪن. هن واضح ڪيو ته جعلي ڊگرين جي معاملي ۾ ملوث ڪنهن به فرد کي قانون کان مٿانهون نه سمجهيو ويندو ۽ جاچ جي نتيجي ۾ ذميوار ثابت ٿيندڙن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا *** 06

اظهار هن اسلام آباد ۾ سي اي او سمٽ 2026ع کي خطاب دوران ڪيو سمٽ جو موضوع ”ڏکئي وقت ۾ اوسر: مستقبل جي نئين جوڙجڪ هو“ جنهن ۾ مشهور ڪاروباري شخصيتن، سربراهن ۽ سفارتڪارن شرڪت ڪئي. قيصر احمد شيخ چيو ته پاڪستان کي چين جي معاشي ترقي جي تجربي مان فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي جنهن ٽن ڏهاڪن تائين لڳاتار معاشي ترقي حاصل ڪئي آهي. هن چيو ته پاڪستان ۾ انفارميشن ٽيڪنالاجي، زراعت، معدنيات، توانائي، مينوفيڪچرنگ ۽ سياحت سميت مختلف شعبن ۾ سيڙپڪاري جا وسيع موقعا موجود آهن. هن چيو ته حڪومت پاڪستان ۾ ڪاروبار شروع ڪرڻ، موجوده ڪاروباري سرگرمين کي وڌائڻ ۽ سيڙپڪاري لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي. معاشي ترقي حاصل ڪرڻ صرف حڪومت لاءِ ممڪن نه آهي پر ان عمل ۾ خانگي شعبي جو ڪردار مرڪزي اهميت رکي ٿو. هن حڪومت ۽ ڪاروباري برادري وچ ۾ لڳاتار ڳالهين ۽ مضبوط شرڪتداري جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو ته پاڪستان ۾ باصلاحيت نوجوان افرادي سگهه، وسيع مقامي منڊي، قدرتي وسيلن جهڙا اهم وسيلا موجود آهن جنهن کي اثرائتي حڪمت عملي ذريعي معاشي ترقي لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو. هن وڌيڪ چيو ته ڏکين معاشي حالتن ۾ پائيدار ترقي ۽ استحڪام حاصل ڪرڻ لاءِ ڊگهي مدي واري سوچ، گڏيل سهڪار ۽ حڪومت ۽ خانگي شعبي وچ ۾ شراڪتداري ضروري آهي.

بقايا *** 07

پارلياماني ۽ اقتصادي لاڳاپن سميت اهم علائقائي ۽ عالمي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. هن چيو ته پاڪستان مالديپ سان پنهنجن پراڻن لاڳاپن کي تمام گهڻي اهميت ڏئي ٿو هن پاڪستان ۽ مالديپ جي وچ ۾ پارلياماني ۽ اقتصادي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ تي زور ڏنو ۽ چيو ته پاڪ_مالديپ پارلياماني دوستي گروپ ٻطرفي پارلياماني لاڳاپن کي فروغ ڏيڻ ۾ فعال ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. پارلياماني سفارتڪاري علائقائي ملڪن جي وچ ۾ لاڳاپن کي فروغ ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. قومي اسيمبلي جي اسپيڪر پاڪستان ۽ مالديپ جي وچ ۾ واپاري ماپو وڌائڻ لاءِ ٿيندڙ معاهدن جي آجيان ڪئي ۽ چيو ته مالديپ جي صدر جو پاڪستان جو دورو ٻطرفي لاڳاپن کي فروغ ڏيڻ ۾ اهم اڳڀرائي ثابت ٿيندو. مالديپ جي صدر ڊاڪٽر محمد معيزو پاڪستان سان لاڳاپن کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته مالديپ جي عوام پاڪستان جي عوام سان دلي وابستگي رکي ٿي. مالديپ جي صدر علائقائي امن قائم ڪرڻ جي لاءِ پاڪستان جي ڪردار کي ساراهيو ۽ گرمجوشي سان استقبال ۽ مهمان نوازي تي پاڪستان جي حڪومت ۽ عوام سان ٿورن جو اظهار ڪيو. ملاقات ۾ قومي اسيمبلي ميمبر شازيه ثوبيه، شائسته خان ۽ سنجي رواني پڻ موجود هئا.

بقايا *** 08

ڪانفرنس 2026ع جي ٻئي ڏينهن به سرگرميون جاري رهيون جن ۾ ڏيهي ۽ پرڏيهي فارماسيوٽيڪل ڪمپنين ۽ عالمي واپاري نمائندن ڀرپور شرڪت ڪئي. تفصيل مطابق نمائش اسپيشل انويسٽمينٽ فيسليٽيشن ڪائونسل (ايس آءِ ايف سي)، اي ڪامرس گيٽ وي پاڪستان ۽ پاڪستان فارما سيوٽيڪل مينوفيڪچررز ايسو سي ايشن جي شراڪت سان منعقد ڪئي وئي آهي. اها نمائش پاڪستان جي فارماسيوٽيڪل ۽ نيوٽراسيوٽيڪل صنعت ۾ عالمي سهڪار، ڪاروباري رابطن ۽ شراڪتداري کي هٿي ڏيڻ لاءِ اهم پليٽ فارم فراهم ڪري رهي آهي. فارما ايشيا 2026ع ۾ نيوٽراسيوٽيڪل مينوفيڪچررز ايسوسي ايشن پاڪستان جي چيئرمين ۽ ايراني ڪمرشل اتاشي مراد نعمتي به شرڪت ڪئي. نمائش ۾ چين جي 50 کان وڌيڪ ڪمپنين ۽ 150 کان وڌيڪ نمائندن جي شرڪت کي ٽيڪنالاجي جي ڏي وٺ، ڪاروباري رابطن ۽ صنعتي سهڪار کي هٿي ڏيڻ جي حوالي سان اهم قرار ڏنو پيو وڃي. نمائش ذريعي ملڪي ۽ عالمي ڪمپنين کي پنهنجي مصنوعات، جديد ٽيڪنالاجي ۽ صنعتي صلاحيتن کي متعارف ڪرائڻ سان گڏو گڏ نوان ڪاروباري موقعا ڳولڻ ۽ گڏيل شراڪتداري کي هٿي ڏيڻ جو موقعو ملي رهيو آهي. فارما ايشيا 2026ع پاڪستان جي فارماسيوٽيڪل ۽ نيوٽراسيوٽيڪل صنعت کي عالمي مارڪيٽن سان ڳنڍڻ، عالمي سيڙپڪاري ۽ واپاري سهڪار جا امڪان وڌائڻ ۽ صنعت جي ترقي لاءِ نوان موقعا پيدا ڪرڻ ڏانهن اهم اڳڀرائي آهي.

بقايا *** 09

۾ رٿيل واپاري نمائش آءِ ٽي بي برلن 2027ع ۾ شرڪت لاءِ درخواستون (اڄ) جمعو 23 آڪٽوبر تائين جمع ڪرائي سگهجن ٿيون. ٽي ڊي اي پي مطابق نمائش برلن ۾ 16 کان 18 مارچ تائين جاري رهندي. ان ۾ ٽوئر آپريٽرز، ٽريول ايجنسز، ايئر لائنز ۽ ان ئي شعبي سان لاڳاپيل ماڻهو ۽ ادارا پنهنجون مصنوعات عالمي خريدارن آڏو پيش ڪرڻ سان گڏو گڏ پنهنجا واپاري معاملا طئي ڪري سگهندا. نمائش جي حوالي سان وڌيڪ تفصيل اٿارٽي جي ويب سائيٽ تان حاصل ڪري سگهجن ٿا.

بقايا *** 10

پاڪستان جي 37 ڪمپنين شرڪت ڪئي. ٽريڊ ڊولپمينٽ اٿارٽي آف پاڪستان(ٽي ڊي اي پي) موجب 17 کان 21 آڪٽوبر 2026 دوران منعقد ٿيل واپاري ميلي ۾ غذائي جنسون ايڪسپورٽ ڪندڙ پاڪستاني ڪمپنين شرڪت ڪئي جنهن سان ٽي ڊي اي پي جي ايڪسپورٽ ۾ اضافي جي قومي عزم جي عڪاسي ٿئي ٿي. نمائش دوران باسمتي چانور سميت چانور جي ٻين قسمن، تيار خوراڪ، ڪنفيڪشنري ۽ ماکي سميت ٻين غذائي مصنوعات جي نمائش ڪئي وئي. واپاري ميلي ۾ شرڪت ذريعي پاڪستاني ادارن کي عالمي خريدارن سامهون پنهنجون مصنوعات ۽ ڪاروباري معاملا طئه ڪرڻ ۾ مدد ملندي.

بقايا *** 11

165046.37 پوائنٽس تي اچي وئي مارڪيٽ ۾ مجموعي طور تي 568 ڪمپنين جي شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي جن مان 167 ڪمپنين جي شيئرز جي اگهه ۾ اضافو 273 ۾ گهٽتائي ۽ 126 جي شيئرز جي قيمتن ۾ استحڪام رهيو شروعاتي ڪاروباري سيشن دوران مجموعي طور تي 86.56 ملين شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي جن جي ماليت 4.48 ارب رپيا رهي. ايم آءِ پي فلمز لميٽڊ جي 13.75 ملين، سينرجيڪو پي ڪي لميٽڊ جي 7.29 ملين ۽ پاڪستان ريفائنري لميٽيڊ جي 5.47 ملين شيئرز جو ڪاروبار ٿيو.

بقايا *** 12

ٽيڪ ڪنيڪٽ 2026ع جو مقصد ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ فني ۽ ڪمرشل هم آهنگي ۽ پائيداري لاءِ نئون راهون هموار ڪرڻ آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن پاڪ_آمريڪا ٽيڪ ڪنيڪٽ 2026ع جي ٽئين ايڊيشن کي خطاب ڪندي ڪيو واشنگٽن ڊي سي ۾ پاڪستاني سفارتخاني پاران جاري ڪيل بيان موجب سفارتخاني ۾ پاڪ_آمريڪا ٽيڪ ڪنيڪٽ 2026ع جي ٽئين ايڊيشن جو ڪامياب انعقاد ڪيو ويو سليڪون ويلي ۽ ڊيلاس کانپوءِ ۽ واشنگٽن ڊي سي ۾ به پاڪ_آمريڪا ٽيڪ ڪنيڪٽ 2026ع ۾ پاڪستان جي آءِ ٽي ڪمپنين، آمريڪي ماهرن، سيڙپڪارن ۽ پاليسي سازن شرڪت ڪئي. پاڪ_آمريڪا ٽيڪ ڪنيڪٽ 2026ع جي ٽئين ايڊيشن جو انعقاد واشنگٽن ڊي سي ۾ پاڪستان جي سفارتخاني، قونصل خانن ۽ پاڪستان سافٽ ويئر ايڪسپورٽ بورڊ جي تعاون سان ڪيو پيو وڃي، جنهن جو ايندڙ پروگرام 23 آڪٽوبر تي شڪاگو ۾ ٿيندو.

بقايا *** 13

۽ عوام جي مشاهدي جي لاءِ رکيل قرآن پاڪ جي نسخن ۽ مخطوطات بابت بريفنگ ڏني وئي. صدر ڊاڪٽر محمد معيزو ۽ خاتون اول سان گڏ سامونڊي معاملن وارو وفاقي وزير جنيد انوار، وفاقي تعليم ۽ پيشيوارانه تربيت واري مملڪتي وزير وجيهه قمر ۽ ٻيا عملدار پڻ موجود هئا. فيصل مسجد جي امام اعظم ۽ عالمي اسلامي يونيورسٽي اسلام آباد جي دعوه اڪيڊمي جي ڊائريڪٽر جنرل پروفيسر ڊاڪٽر محمد الياس مهمانن کي مسجد جي تاريخ ۽ نمائش جي لاءِ رکيل قران پاڪ جي نسخن ۽ مخطوطات بابت آگاهه ڪيو. مالديپ جي صدر ۽ خاتون اول فيصل مسجد ۾ نفل پڻ ادا ڪيا. دوري جي پڄاڻي تي ٻنهي معزز شخصيتن مهمانن جي يادگار ڪتاب ۾ پنهنجا تاثر پڻ قلمبند ڪيا. واضح رهي ته مالديپ جا صدر ۽ خاتون اول ٽن ڏينهن جي سرڪاري دوري تي پاڪستان ۾ آهن ۽ جمعي ڏينهن وطن واپس روانا ٿيندا.

بقايا *** 14

ي گهرجن جي پابندي ضروري آهي. جڏهن ته هاءِ ڪورٽ انتظاميه جا اختيار استعمال ڪندي ڪنهن آفيسر جي مقرري ۽ کاتي جي ڪارروائي جي معاملن ۾ ان جي جاءِ نٿي وٺي سگهي. جسٽس روزي خان بڙيچ ۽ جسٽس سيد ارشد حسين شاهه تي ٻڌل بينچ پوليس آفيسر منير سمو جي اپيل تي فيصلو جاري ڪندي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي سرڪٽ ڪورٽ لاڙڪاڻو جي 30 جون 2026ع جي حڪم جو جائزو ورتو جسٽس روزي خان بڙيچ تحريري فيصلو لکيو وفاقي آئيني عدالت لکيل تفصيلي فيصلي ۾ فيصلو ڏنو ته انڪوائري رپورٽ ۾ انسپيڪٽر منير احمد سمو جو مبينا ڇاپي ۾ ملوث هئڻ ثابت نه ٿيو رپورٽ موجب سندس ڪردار انٽيليجنس رپورٽ جاري ڪندڙ گروپ آفيسر تائين محدود هو ۽ ان خلاف وڌيڪ ڪارروائي جي سفارش به نه ڪئي وئي هئي. فيصلي موجب سنڌ هاءِ ڪورٽ 16 اپريل 2026ع تي معاملي جي انڪوائري جو حڪم ڏنو هو بعد ۾ شروعاتي جاچ تي عدم اطمينان جو اظهار ڪندي ايس ايس پي لاڙڪاڻو کي منصفاڻي ۽ جامع جاچ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي، هاءِ ڪورٽ 19 جون 2026ع تي حڪم ڏنو هو ته انڪوائري رپورٽ جمع ٿيڻ تائين لاڳاپيل آفيسر کي گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال تائين فيلڊ مقرري نه ڏني وڃي. عدالت قرار ڏنو ته هاءِ ڪورٽ بعد جي انڪوائري رپورٽ ۾ شامل اهم نتيجن ۽ سفارشن کي مناسب طور نظر ۾ رکيو ڪنهن سرڪاري ملازم خلاف منفي انتظامي يا محڪماتي ڪارروائي لاءِ انڪوائري جي نتيجن سان هڪجهڙائي رکندڙ سبب ۽ قانوني طريقيڪار ضروري آهن. لکت واري فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته آئين جي آرٽيڪل 4 تحت هر شخص کي قانون مطابق سلوڪ جو حق حاصل آهي، جڏهن ته آرٽيڪل 10_A منصفاڻي ٻڌڻي ۽ قانوني گهرجن موجب ڪارروائي جي ضمانت ڏئي ٿو ڪنهن آفيسر خلاف فيصلو ڪرڻ کان اڳ کيس پنهنجو موقف پيش ڪرڻ ۽ الزامن جو جواب ڏيڻ لاءِ مناسب وقت ڏيڻ گهرجي. وفاقي آئيني عدالت واضح ڪيو ته سرڪاري ملازمن جي مقرري، فرضن جي ورهاست ۽ محڪماتي نظم وضبط انتظاميه جي دائري اختيار ۾ اچن ٿا. عدالتون انتظامي قدمن جي قانوني حيثيت جو جائزو وٺي سگهن ٿيون، پر انتظاميه جي جاءِ وٺي پاڻ انتظامي فيصلا نٿيون ڪري سگهن. عدالت موجب، عدالتي نظرثاني جو مقصد غير قانوني قدمن کي قانون موجب بڻائڻ آهي نه ته وري انتظاميه جا اختيار پنهنجي هٿن ۾ وٺڻ.

بقايا *** 15

پرڏيهي ميڊيا مطابق ملاقات ۾ سعودي عرب ۽ فرانس وچ ۾ تاريخي اسٽريٽجڪ لاڳاپن، موجوده سعودي فرانس جي سهڪار ۽ مختلف شعبن ۾ انهن کي وڌائڻ جي طريقن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، ٻنهي اڳواڻن علائقائي ۽ عالمي صورتحال ۽ ان حوالي سان ڪيل ڪوششن ۾ هم آهنگي تي به ڳالهه ٻولهه ڪئي.

بقايا *** 16

نوني، نقصان پهچائيندڙ ۽ حراسان ڪندڙ مودا کي نظرانداز ڪرڻ بدران ان جي ذميواري سان رپورٽنگ کي يقيني بڻائين. ترجمان موجب اهڙو مودا صارفين جي ذاتي رازداري جي تحفظ لاءِ شديد خطرو ثابت ٿي سگهي ٿو ان لاءِ ان جي روڪ ٿام لاءِ وقت تي قدم کنيا وڃن. ترجمان واضح ڪيو ته سوشل ميڊيا پليٽ فارمز تي جعلي پروفائل، هراسان ڪندڙ ۽ غير اخلاقي مواد جي روڪٿام لاءِ صارفين لاڳاپيل پليٽ فارم جي بلٽ ان رپورٽنگ ٽولز جو استعمال ڪن. جڏهن ته ان حوالي سان ڏوهارين خلاف ڪارروائي لاءِ شهري سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي(اين سي سي آءِ اي) جي هيلپ لائن 1799 يان ان جي ويب پورٽل سان رابطو ڪري پنهنجي شڪايت داخل ڪرائين. ٻئي پاسي جعلي يا فراڊ ڪالز، شڪي پيغام ۽ موبائل آپريٽر جي خدمتن سان جڙيل مسئلن جي حل لاءِ پي ٽي اي جي شڪايت مينجمينٽ سسٽم complaint.pta.gov.pk تي رابطو ڪري سگهجي ٿو.

بقايا *** 17

، ۽ حڪومت سان ڳالهه ٻولهه مثبت عمل آهي پر پارٽي کي پنهنجو بنيادي مطالبو وسارڻ نه گهرجي. هن سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ايڪس تي پنهنجي بيان ۾ چيو ته عمران اسماعيل جو چوڻ هو ته هاڻي صرف ملاقاتون ڪرائڻ جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن، جنهن تي کيس تعجب آهي ته پارٽي قيادت باني پي ٽي آءِ کان سواءِ جيلن ۾ قيد ٻين اڳواڻن جي باري ۾ به ڪا ڳالهه نه پئي ڪري. پي ٽي آءِ جو حڪومت سان وهڻ هڪ مثبت قدم آهي، پر پارٽي کي پنهنجي بنيادي مطالبي تان هٽ نه ڪڻ گهرجي، جڏهن ته محمود خان اڇڪزئي، علامه ناصر ۽ ٻين اڳواڻن جي باني پي ٽي آءِ جي آزاديءَ ۾ ڪا به دلچسپي ناهي.

بقايا *** 18

سگهجن ٿا. اهڙن خيالن جو اظهار هن خميس ڏينهن لاهور جي ليڪ سٽي ۾ سعودي پاڪستان ريئل اسٽيٽ ايڪسپو (سپريڪس) جي دوري جي موقعي تي ڪيو جتي ايڪسپو ۾ شريڪ ڪمپنين، انهن جي منصوبن ۽ پاڪستان جي ريئل اسٽيٽ شعبي ۾ سيڙپڪاري جي امڪاني موقعن بابت بريفنگ ڏني وئي. ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب پنجاب جي گورنر سردار سليم حيدر خان ۽ ليڪ سٽي جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ۽ سعودي پاڪستان بزنس ڪائونسل جي ميمبر ڊاڪٽر گوهر اعجاز صدر جو استقبال ڪيو. ايڪسپو ۾ سعودي عرب جي نمايان ريئل اسٽيٽ ۽ سيڙپڪار ڪمپنين جا پويلين قائم ڪيا ويا آهن. ان موقعي تي سعودي پاڪستان بزنس ڪائونسل جو چيئرمين شهزاده منصور بن محمد آل سعود ۽ ڪائونسل جو نائب چيئرمين عبدالعزيز الاشرفي پڻ شريڪ هئا. ايڪسپو ۾ شرڪت ڪندڙ سعودي ڪمپنين ۾ صفا انويسٽمينٽ، ناليج اڪنامڪ سٽي، سموا انويسٽمنٽ، المجيديه، اولو ريئل اسٽيٽ، الديار العربيه، بن داڤود انويسٽمينٽ ۽ انٽرنيشنل گيٽ انويسٽمينٽ شامل آهن. اهي ڪمپنيون پاڪستان ۾ امڪاني سيڙپڪاري جي موقعن جو جائزو وٺي رهيون آهن جڏهن ته سعودي سيڙپڪارن کي راغب ڪرڻ ۽ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ سرحد پار سيڙپڪاري کي فروغ ڏيڻ جي لاءِ مڪه مڪرمه ۽ مدينه منوره ۾ پنهنجا منصوبا پڻ پيش ڪري رهيون آهن. ان موقعي تي ڳالهائيندي صدر آصف علي زرداري پاڪستان ۽ سعودي عرب جي پراڻي ۽ پائدار لاڳاپن کي مضبوط اقتصادي حصيداري، سيڙپڪاري ۾ اضافي ۽ گڏيل مفاد جي ڪاروباري موقعن ۾ تبديل ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڀريو صدر چيو ته سعودي عرب سدائين مشڪل وقت ۾ پاڪستان سان گڏ مضبوطي سان بيٺل رهيو آهي جيڪو ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ پائيدار دوستي ۽ اسٽريٽجڪ حصيداري جي عڪاسي ڪري ٿو. صدر پاڪستاني ۽ سعودي ڪاروباري برادرين کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ جي منتظمين جي قدمن کي ساراهيندي چيو ته اهڙيون سرگرميون سڌو سنئون غيرملڪي سيڙپڪاري جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ، نجي شعبي جي وچ ۾ تعاون وڌائڻ ۽ ڊگهي مدي واري اقتصادي حصيداري کي فروغ ڏيڻ ۾ مدد ڏئي سگهن ٿيون. هن چيو ته ايڪسپو ۾ سعودي عرب جي نمايان ڪاروباري ۽ سيڙپڪاري گروپن جي شرڪت ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ تعاون جي وڌندڙ امڪانن کي ظاهر ڪري ٿي، سيڙپڪاري، ڪاروباري سرگرمين ۽ گڏيل منصوبن جي ذريعي ترقي جي هڪ نئين مرحلي جي راهه هموار ڪري سگهجي ٿي. صدر پاڪستان ۾ غيرملڪي سيڙپڪاري کي سهولت فراهم ڪرڻ جي لاءِ مددگار ۽ سيڙپڪار دوست ماحول جي اهميت تي پڻ زور ڀريو ان موقعي تي پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائنز (پي آءِ اي) جي فضائي عملي جي نئين يونيفارم پڻ نمائش جي لاءِ پيش ڪئي وئي.

بقايا *** 19

مان لڏپلاڻ تي مجبور ٿي چڪا آهن. پرڏيهي ميڊيا گڏيل قومن جي انساني معاملن بابت شعبي (اوچا) جي حوالي سان ٻڌايو ته تازو لڏپلاڻ ڪندڙ خاندان انهن اٽڪل 14 هزار 500 ماڻهن ۾ شامل ٿي ويا آهن، جيڪي هلندڙ مهيني جي شروعات ۾ ان ئي نوعيت جي حملن سبب پنهنجا گهر ڇڏي چڪا هئا. گڏيل قومن جي اداري خبردار ڪيو ته لڏپلاڻ ڪندڙ ماڻهن جي آمد سبب ميزبان آبادين تي دٻاءُ وڌي رهيو آهي ۽ تحفظ، رهائش، خوراڪ، طبي سهولتن، صاف پاڻي ۽ پاڻي جي نيڪال سميت بنيادي انساني ضرورتن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. اوچا خدشو ظاهر ڪيو آهي ته تشدد ۾ وڌيڪ اضافي سبب وڌيڪ خاندان لڏپلاڻ ڪرڻ تي مجبور ٿي سگهن ٿا جنهن سبب ضرورتمند ماڻهن تائين امدادي ڪارڪنن جي پهچ وڌيڪ ڏکي ٿي ويندي. اداري سمورين ڌرين تي زور ڀريو ته هو شهرين جي تحفظ کي يقيني بڻائين، عالمي انساني قانونن جو احترام ڪن ۽ ضرورت مند ماڻهن تائين انساني امداد جي محفوظ ۽ بنا رڪاوٽ پهچ ممڪن بڻائين.

بقايا *** 20

رشپ (پي سي پي) 2025ع کان 2030ع تحت سنڌ لاءِ مخصوص ترقياتي پروگرام جي مد ۾ لڳ ڀڳ 40 ملين ڊالر گڏ ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو آهي.اهو اتفاق وڏي وزير هائوس ۾ ٿيل ملاقات دوران ٿيو، جنهن ۾ ٻنهي ڌرين يورپي يونين جي مالي سهڪار سان جاري غربت جي خاتمي ۽ ڳوٺائي سنڌ ۾ جامع ترقيءَ واري پروگرام (پائيدار) تي اڳڀرائي جو جائزو ورتو. ڪامياب ترقياتي قدمن کي وڌيڪ وسيع ڪرڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ پٺتي پيل برادرين جي روزگار جا وسيلا بهتر بڻائڻ ۽ پائيدار معاشي موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ سهڪار جي نون شعبن جو جائزو ورتو.اجلاس ۾ صوبائي وزير محنت سعيد غني، وزير منصوبابندي ۽ ترقي جام خان شورو، وڏي وزير جو سيڙپڪاري بابت خاص معاون سيد قاسم نويد، چيئرمين منصوبابندي ۽ ترقي نجم شاهه، وڏي وزير جو سيڪريٽري آصف جميل، سيڪريٽري سماجي تحفظ خادم چنه ۽ ايڊيشنل سيڪريٽري سيڙپڪاري ظهور مري شرڪت ڪئي وڏي وزير وفد جي آجيان ڪئي ۽ سنڌ حڪومت سان يونيڊو جي مسلسل سهڪار کي ساراهيو. خاص طور تي ٻهراڙيءَ جي آبادين، ڪاروباري ادارن جي ترقي ۽ 2022ع جي تباهي مچائيندڙ ٻوڏن کانپوءِ موسمياتي تبديلين جا اثر برداشت ڪندڙ انفراسٽرڪچر جي تعمير لاءِ اداري جي سهڪار کي ساراهيو پائيدار پروگرام: ٻهراڙيءَ جي ترقيءَ ۾ سيڙپڪاري وزير منصوبابندي ۽ ترقي جام خان شوري اجلاس کي ٻڌايو ته يورپي يونين جي 49.55 ملين يورو جي گرانٽ سان يونيڊو جي سهڪار هيٺ هلندڙ پائيدار پروگرام ضلعي ٺٽي، سجاول، بدين، ٿرپارڪر ۽ لاڙڪاڻي ۾ غربت گهٽائڻ، مقامي معيشتن کي مضبوط ڪرڻ، عوامي خدمتون بهتر بڻائڻ ۽ عورتن توڙي نوجوانن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهيهن پروگرام ۾ ٻهراڙيءَ جي انفراسٽرڪچر ۽ ڪميونٽي جي سهولتن ۾ سيڙپڪاري سان گڏ ننڍين ۽ وچولي درجي جي ڪاروباري ادارن (ايم ايس ايم ايز) لاءِ مالي گرانٽون، ٽيڪنيڪل سهڪار ۽ ادارن جي صلاحيت وڌائڻ جا قدم شامل آهنوڏي وزير سنڌ پيپلز هائوسنگ فار فلڊ افيڪٽيز (ايس پي ايڇ ايف) جي سهڪار سان موسمياتي تبديلين جا اثر برداشت ڪندڙ آبادين جي رٿابندي ذريعي ٻوڏ متاثر برادرين جي بحاليءَ ۾ پروگرام جي ڪردار کي ساراهيو.

بقايا *** 21

کان عليحدگي لاءِ ريفرينڊم ڪرائڻ قومي خودمختياري جي بحالي ۽ معاشري ۾ اتحاد يڪجهتي مضبوط بڻائڻ جو واحد رستو آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب جيڪ هوگارڊ چيو ته فرانس ۾ آزاد چونڊون ڪرائڻ گهرجن انهن سان گڏ يورپي يونين ۽ نيٽو کان عليحدگي جي معاملي تي ريفرينڊم به ٿيڻ گهرجي. هن چيو ته اهو ئي واحد رستو آهي جنهن جي ذريعي فرانس پنهنجي خودمختياري ۽ آزادي ٻيهر حاصل ڪري سگهي ٿو. سندس چوڻ هيو ته اهڙو ريفرينڊم فرانس جي عوام جي وڏي اڪثريت کي هڪ گڏيل مقصد تي متحد ڪرڻ ۽ انهن قدمن جي شروعات ڪندڙ نئين حڪومت جي عوامي تائيد ۽ قانوني جواز فراهم ڪرڻ جو موقعو ڏئي سگهي ٿو.

بقايا *** 22

۾ پنهنجي فوج جو ڪجهه اڏن تان خاموشي سان انگ گهٽ ڪري رهي آهي. بي بي سي موجب انهن رپورٽس تي ردعمل ڏيندي آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ (سينٽڪام) جي ترجمان ڪيپٽن ٽم هاڪنز چيو ته آمريڪي فوج معمول موجب پنهنجن اهلڪارن ۽ سازو سامان جي چرپر ڪندي رهي ته جيئن مختلف مشنز لاءِ آپريشنل تياري کي بهتر بڻائي سگهجي. هن چيو ته آپريشنل سيڪيورٽي سبب جي ڪري اسان اهڙين حرڪتن جا تفصيل فراهم نٿا ڪيون. آمريڪي فوج خطي ۾ آمريڪي اهلڪارن ۽ مفادن جي تحفظ لاءِ تيار رهي. ٻئي پاسي آمريڪي پرڏيهي وزارت حوثي جماعت سان جڙيل خطرن جو حوالو ڏيندي سعودي عرب ۾ آمريڪي سفارتخاني جي غير ضروري عملي ۽ انهن جي ڪٽنب کي ملڪ ڇڏڻ جي هدايت جاري ڪري ڇڏي آهي. وڌيڪ رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته وچ اوڀر ۾ موجود ڪجهه آمريڪي سفارتخانن به محدود سرگرمين جي حالت ۾ پنهنجي عملي جي انگ ۾ تبديليون ڪيون آهن. آمريڪي پرڏيهي وزارت آگسٽ ۾ ايران سان ڇڪتاڻ ۽ تڪرار ۾ شدت دوران محدود سرگرمين جي ان پاليسي جو اعلان ڪيو هيو ان پاليسي تحت سفارتخانن جي طريقيڪار تحت سفارت خانو پنهنجي سرگرميون مڪمل طور تي ملتوي ڪرڻ بنا عملي جي انگ ۽ خدمتن کي محدود ڪري سگهن ٿا.

بقايا *** 23

س رولز 1990ع تي عمل رڳو نوڪري جي شروعاتي پروبيشنري مرحلي تائين محدود آهي ۽ پروبيشن مڪمل ڪري باقاعده نوڪري حاصل ڪندڙ آفيسرن جي سنيارٽي انهن قاعدن جي بنياد تي تبديل نه ٿي ڪري سگهجي. عدالت ريلوي آفيسرن جي سنيارٽي بابت فيڊرل سروس ٽربيونل جو 19 سيپٽمبر 2025ع جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو آهي. جسٽس عائشه اي ملڪ لکت واري فيصلي ۾ چيو ته ڏهاڪن کان رائج طريقيڪار ۽ سي ايس ايس امتحان ۾ حاصل ڪيل ميرٽ جي بنياد تي طئي ٿيل سنيارٽي کي بعد ۾ ختم نه ٿو ڪري سگهجي. ريلوي کاتي طرفان پراڻي سنيارٽي ۾ ڪيل تبديلي ۽ انهن تبديلين جو ماضي تان لاڳو ٿيڻ غير قانوني آهي. فيصلي مطابق ريلوي کاتو ڪيترن ئي ڏهاڪن کان آفيسرن جي سنيارٽي سي ايس ايس امتحان ۾ حاصل ڪيل ميرٽ جي بنياد تي طئي ڪندو رهي ٿو پر کاتي 27 آگسٽ 2014ع تي نظرثاني ٿيل سنيارٽي لسٽ جاري ڪئي، جنهن کي سروس ٽربيونل ۽ سپريم ڪورٽ ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو هو بعد ۾ ريلوي کاتي 29 جون 2022ع، 20 مارچ 2023ع تي سي ايس ايس امتحان جي ميرٽ جي بنياد تي عارضي سنيارٽي لسٽون جاري ڪيون. انهن لسٽن خلاف آفيسرن فيڊرل سروس ٽربيونل ۾ اپيلون داخل ڪيون. فيڊرل سروس ٽربيونل 19 سيپٽمبر 2025ع جي فيصلي ۾ ريلوي جون لسٽون ڪالعدم قرار ڏيندي 1990ع جي سروس رولز تحت نيون سنيارٽي لسٽون تيار ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو سپريم ڪورٽ پنهنجي فيصلي ۾ واضح ڪيو ته پروبيشن جو مدو مڪمل ڪري باقاعده نوڪري حاصل ڪندڙ سول سرونٽس جي سنيارٽي متاثر نه ٿيڻ گهرجي ۽ ريلوي کاتو ماضي ۾ طئي ٿيل سنيارٽي کي بعد ۾ تبديل نه ٿو ڪري سگهي. عدالت فيڊرل سروس ٽربيونل جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو.

بقايا *** 24

کي وصولين سبب متاثر ڪارڪنن ۽ ڪاروباري ادارن جي مدد ۽ ڊگهي مدي جي معاشي ترقي کي هٿي ڏيڻ لاءِ 8.7 ارب ڪينيڊين ڊالرن جي امدادي قدمن جو اعلان ڪيو آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب وزيراعظم جي آفيس پاران جاري ڪيل بيان موجب ان منصوبي جو بنيادي مقصد اونٽاريو جي فولادسازي، آٽو موبائل ۽ اهم معدنيات جي صنعتن جو تحفظ يقيني بڻائڻ آهي. منصوبي تحت فولاد جي صنعت لاءِ گڏيل ايڪشن فنڊ قائم ڪيو ويندو جڏهن ته گاڏيون تيار ڪندڙ ڪمپنين جي پيداواري لائنن کي جديد بڻائڻ ۽ مستقبل جي اليڪٽرڪ گاڏين جي تياري ۾ مدد فراهم ڪئي ويندي. منصوبي ۾ صوبي جي اترئين پاسي وارن علائقن ۾ اهم معدنيات جي سپلائي جي ترقي لاءِ روڊن جي بنيادي ڍانچي جي تعمير ۽ ماحولياتي منظورين جي عمل کي آسان بڻائڻ به شامل آهي. وزيراعظم مارڪ ڪارني چيو ته ڪينيڊا ۽ اونٽاريو جون حڪومتون موجوده دور ۾ روزگار جي تحفظ سميت اهڙي سيڙپڪاري ڪري رهيون آهن جيڪا مستقبل ۾ ڪينيڊا جي معيشت کي وڌيڪ مضبوط، مستحڪم ۽ خودمختيار بڻائڻ ۾ مدد ڏيندي. اونٽاريو ڪينيڊا جي صنعتي پيداواري سرگرمين جو اهم مرڪز آهي جتي جي آٽو موبائل ۽ فولاد سازي جون وڏيون صنعتون موجود آهن جڏهن ته اهم معدنيات جا وسيع ذخيره به آهن. آمريڪا جي خاص طور تي گاڏين ۽ فولاد جي روانگي ۽ واپار تي پروسس سبب اهو صوبو آمريڪي ٽيڪس سبب سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ علائقن ۾ شامل آهي. بيان موجب ڪينيڊا جي حڪومت آمريڪي ٽيڪس سبب متاثر ملڪي ڪارڪنن ۽ ڪاروباري ادارن جي مدد لاءِ هيستائين 25 ارب ڪينيڊين ڊالرز کان به وڌيڪ فراهم ڪري چڪي آهي.

بقايا *** 25

ه 277.25 رپيا ۽ خريد جو اگهه 276.75 رپيا، برطانوي پائونڊ جي وڪري جو اگهه 371.44 رپيا ۽ خريد جو اگهه 370.77 رپيا، يوروجي وڪري جو اگهه 311.69 رپيا ۽ خريد جو اگهه 311.13 رپيا، جاپاني ين جي وڪري جو اگهه 1.7581 رپيا ۽ خريد جو اگهه 1.7549 رپيا، سعودي ريال جي وڪري جو اگهه 73.92 رپيا جڏهن ته خريد جو اگهه 73.78 رپيا اهڙي ريت اماراتي درهم جي وڪري جو اگهه 75.49 رپيا ۽ خريد جو اگهه 74.35 رپيا رڪارڊ ڪيو ويو.

بقايا *** 26

ٿي، جنهن ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن ۽ خطي جي موجوده سيڪيورٽي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. آءِ ايس پي آر موجب فيلڊ مارشل عاصم منير جي مالديپ جي صدر ڊاڪٽر محمد معيزو سان اسلام آباد ۾ ملاقات ٿي. آءِ ايس پي آر ٻڌايو ته ملاقات ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن ۽ خطي جي موجوده سيڪيورٽي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. آءِ ايس پي آر موجب ملاقات ۾ پاڪستان ۽ مالديپ جي وچ ۾ دفاعي تعاون، ادارتي لاڳاپن ۽ پيشوارانه مٽاسٽا کي مضبوط ڪرڻ تي زور ڏنو ويو آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته فيلڊ مارشل سيد عاصم منير پاڪستان ۽ مالديپ جي پراڻن ۽ خوشگوار لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي ارادي جو اظهار ڪيو آءِ ايس پي آر موجب فيلڊ مارشل عاصم منير چيو ته پاڪستان تعميري رابطي ذريعي خطي ۾ امن، استحڪام ۽ سلامتي کي هٿي ڏيڻ لاءِ پرعزم آهي. انهي موقعي تي مالديپ جي صدر ڊاڪٽر محمد معيزو پاڪستان جي هٿياربند فوج جي پيشه ورانه صلاحيتن جي تعريف ڪئي ۽ خطي ۾ امن، استحڪام کي هٿي ڏيڻ لاءِ پاڪستان جي ڪوششن جو اعتراف ڪيو.

بقايا *** 27

ي ۽ واپاري تعاون جي فروغ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪندي ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب صدر اهو دورو جرمني جي صدر فرينڪ والٽر اشٽائن مائر جي دعوت تي ڪري رهيو آهي. صدر آصف علي زرداري جي جرمني جي دوري کي اهميت رکندڙ آهي. گذريل 23 سالن ۾ ڪنهن به پاڪستاني ملڪي سربراهه جو اهو جرمني جو پهريون دورو هوندو هلندڙ سال ٻنهي ملڪن جي پنهنجي سفارتي لاڳاپا قائم ٿيڻ جي 75هين سالگرهه پڻ ملهائي رهيا آهن. ان حوالي سان جرمن صدر جي صدر آصف علي زرداري کي جرمني جي دوري جي خصوصي دعوت نمايان حيثيت رکي ٿي. صدر جرمني جي صدر ۽ اعلي جرمن حڪومتي عهديدارن سان ملاقاتون ڪندو. ملاقاتن دوران ٻطرفي لاڳاپن، علائقائي ۽ عالمي صورتحال، معاشي ۽ واپاري تعاون جي فروغ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ويندي. صدر آصف علي زرداري جو جرمني جو دورو ٻطرفي لاڳاپن ۽ مختلف شعبن ۾ گڏيل حصيداري جي فروغ کي نئين سگهه ڏيڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو. صدر آصف علي زرداري جو دورو پاڪستان ۽ جرمني جي وچ ۾ موجود ٻطرفي تاريخي لاڳاپن کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ ۾ اهم سنگ ميل هوندو. پنجاب جي گورنر سردار سليم حيدر خان ايئرپورٽ تي صدر کي الوداع ڪيو.

بقايا *** 28

شعبي سان مسلسل رابطي ۾ آهي. ان سلسلي ۾ روانگي وڌايار ڪندڙ جي چئلينجي واري صلاحيت بهتر بڻائڻ لاءِ عملي قدمن تي ڪم جاري آهي. اهڙو اظهار هن واپار واري وزارت ۾ روانگي ۽ واپار ڪندڙن ۽ اعليٰ سرڪاري عملدارن سان ٿيل اعليٰ سطحي مشاورتي اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو جنهن ۾ پاڪستان جي روانگي ۽ واپار کي متاثر ڪندڙ مسئلن ۽ انهن جي حل لاءِ لاڳاپيل سرڪاري کاتن پاران کنيل اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو ان موقعي تي گذريل اجلاس ۾ روانگي ڪندڙ ادارن پاران اٿاريل مسئلن ۽ لاڳاپيل سرڪاري ادارن جي جوابن تي ٻڌل جامع جائزو پيش ڪيو ويو جن ۾ التوا ۾ پيل مسئلن، اڳيرائي ۽ وڌيڪ پاليسي قدمن جي نشاندهي ڪئي وئي. وفاقي وزير جام ڪمال خان چيو ته پاڪستان چين، ڏکڻ ڪوريا، ترڪي، جاپان ۽ ويٽنام سميت اهم واپاري ڀائيوارن سان ترجيحي واپاري سهولتن ۽ بهتري لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهي. هن چيو ته چين سان ٿيل رعايت ۾ واڌ لاءِ ڳالهيون جاري آهن. جڏهن ته ڏکڻ ڪوريا سان ترجيحي واپاري انتظامن تي به ڪم جاري رهي آهي، ٻين ملڪن سان رابطا، سفارتي مشن، واپاري آفيسر ۽ ٻطرفي مشاورتي ذريعي جاري آهن.

بقايا *** 29

ڪئي آهي. اهڙيون هدايتون هن هڪ اجلاس جي صدارت دوران ڏنيون. ان موقعي تي اجلاس کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ويو ته جون 2016ع کان سيپٽمبر 2026ع تائين موبائل ڊائيگناسٽڪ اينڊ اسڪريننگ هيلٿ ڪيئر سروس ذريعي 50 لک 19 هزار 864 مريضن کي طبي سهولتون فراهم ڪيون ويون، جڏهن ته 12 لک 74 هزار 322 ليبارٽري ٽيسٽ ڪيون ويون. اداري جا 20 موبائل يونٽ، جن ۾ 13 موبائل ڊائيگناسٽڪ ۽ 7 موبائل هيلٿ يونٽ شامل آهن، سنڌ جي 17 ضلعن ۾ خدمتون فراهم ڪري رهيا آهن. اجلاس ۾ عمرڪوٽ جي ماڊل موبائل اسپتال بابت ٻڌايو ويو ته ان هن وقت تائين 3 هزار 654 [illegible] 18 هزار 178 مريضن کي طبي سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن. [illegible]

بقايا *** 30

شن تقريب منعقد ڪئي وئي، هي منصوبو محڪمه صحت، حڪومت سنڌ پاران اسلامي ترقياتي بئنڪ (IsDB) جي سهڪار سان جاري آهي. تقريب ۾ SIHWEP جي پروگرام ڊائريڪٽر مسٽر شفقت سومرو ۽ زيبسٽ زيب ٽيڪ (iTVE) جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ميڊم وحيده مهيسر سميت مختلف آفيسرن ۽ زيب ٽيڪ جي ٽيم شرڪت ڪئي. زيبسٽ زيب ٽيڪ گهارو جي هيڊ آف ڪيمپس مسٽر پون ڪمار سيني معزز مهمانن جو استقبال ڪيو. مهمانن ڪيمپس جو دورو ڪيو ۽ ڊجيٽل لٽريسي، ڊجيٽل اسڪلز ۽ بيڪري پراڊڪٽس جي تياري بابت تربيتي ڪلاسن جو معائنو ڪيو هنن زير تربيت شاگردياڻين جي عملي ڪم جو مشاهدو ڪيو. انهن جي تعليمي ۽ تربيتي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ۽ انهن جي صلاحيتن، تخليقي سوچ ۽ محنت کي ساراهيو. تقريب کي خطاب ڪندي ميڊم وحيده مهيسر ۽ مسٽر شفقت سومرو تربيت مڪمل ڪندڙ شاگردياڻين جي محنت ۽ ڪاميابين کي ساراهيو ۽ کين پنهنجي صلاحيتن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ جي ترغيب ڏني. هنن شاگردياڻين جي روشن مستقبل ۽ ڪاميابي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي چيو ته فني ۽ پيشوارانه تربيت روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ، معاشي خودمختياري کي فروغ ڏيڻ ۽ عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. تقريب دوران ڪئي تربيت يافته شاگردياڻين جي ڪاميابي جي ڪهاڻي پڻ پيش ڪئي وئي، جنهن ۾ صلاحيتن جي حاصلات ذريعي ذاتي ترقي ۽ مستقبل ۾ بهتر موقعن جي اهميت کي اجاگر ڪيو ويو پروگرام ڪاميابيءَ سان مڪمل ڪندڙ شاگردياڻين ۾ سرٽيفڪيٽ پڻ ورهايا ويا. تقريب جو اختتام فني تعليم جي فروغ، عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۽ فردن کي عملي صلاحيتن سان ليس ڪري هڪ روشن، خودمختيار ۽ بهتر مستقبل جي تعمير لاءِ گڏيل عزم جي تجديد سان ٿيو.

بقايا *** 31

ڪيو ويو. رپورٽ موجب آمريڪي ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيٽ (ڊبليو ٽي آءِ) جا مستقبل لاءِ سودا 2.71 ڊالرن جي اضافي سان 99.86 ڊالرز في بيرل جڏهن ته برينٽ نارٿ سي ڪروڊ جا سودا 3.53 ڊالرن جي اضافي سان 112.35 ڊالرز في بيرل ۾ طئه ٿيا.

بقايا *** 32

ڏ ٿي آهي. انگن اکرن واري سرڪاري اداري موجب ان عرصي دوران موبائل فونن جي آمدني واپار جو گهاٽو 143 ملين ڊالرن تائين گهٽجي ويو جڏهن ته سيپٽمبر 2025ع دوران موبائل فونن جي آمدني واپار جي ماليت 199 ملين رپيا رهي هئي. اهڙي ريت سيپٽمبر 2025ع جي ڀيٽ ۾ سيپٽمبر 2026ع دوران موبائل فونن جي ملڪي آمدني واپار ۾ 56 ملين ڊالرن يعني 28.14 سيڪڙو جي گهٽتائي رڪارڊ ٿي.

بقايا *** 33

۽ وزير ۽ جيل سپرنٽينڊنٽ کي ذاتي حيثيت ۾ طلب ڪري ورتو آهي. لاهور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس عبهر گل عمران خان جي ڀينرن جي ملاقاتن جي بحالي جي درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي [illegible] 19 ۽ 20 آڪٽوبر [illegible] 28 آڪٽوبر تي ذاتي حيثيت ۾ طلب ڪري ڇڏيو.

بقايا *** 34

ڊل پائيدار ترقي حاصل ڪرڻ حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي. [illegible] سي اي او سمٽ کي خطاب ڪندي [illegible] گذريل ٻن سالن دوران، پاڪستان معاشي استحڪام حاصل ڪرڻ ۾ اهم اڳيرائي ڪئي آهي [illegible] 15 ڪروڙ 50 ڪروڙ [illegible] 10 سيڪڙو [illegible] 8 سيڪڙو [illegible] 0.5 سيڪڙو [illegible]

بقايا *** 35

سان ٿي تنقيد ڪندڙن کي ڳالهه ٿي ناراض آهن ته شهر ۾ ابترا ترقياتي ڪم ڇو ڪيا پيا آهن. [illegible] شهر ۽ شهرين جا مسئلا حل ڪرڻ آهي. [illegible] شهرين کي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن.

بقايا عوامي سوچ 01

ي خيرپور جي تعلقي گمبٽ ۾ بي ايچ يو لال بخش منگي ۽ بي ايچ يو لاکا وڏا جو دورو ڪيو، جتي هن تعميراتي ڪم جي معيار جو جائزو ورتو ۽ ٻنهي ترقياتي منصوبن تي اڳيرائي جو معائنو ڪيو. ٻنهي بنيادي صحت مرڪزن کي ڳوٺاڻي صحت مرڪزن آر ايچ سيز جي سطح تي اپگريڊ ڪيو پيو وڃي، تہ جيئن بنيادي صحت جي سهولتن کي وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهجي ۽ مقامي آبادي کي معياري طبي سهولتن تائين بروقت رسائي فراهم ٿئي. ٻنهي نون آر ايچ سيز ۾ ڊاڪٽرن ۽ عملي لاءِ رهائشي مڪان پڻ تعمير ڪيا پيا وڃن، تہ جيئن طبي عملي جي دستيابي ۽ مرڪزن جي موثر ڪارڪردگي کي يقيني بڻائي سگهجي. دوري دوران فوڪل پرسن انجنيئر مير محمد شيخ ڊائريڪٽر هيلٿ کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو تہ تعميراتي ڪم اطمينان بخش رفتار سان جاري آهي ۽ ٻئي منصوبا جون 2027 کان اڳ مڪمل ٿيڻ جي اميد آهي. هن وڌيڪ ٻڌايو تہ ڇتن جي تعمير سميت ٻيا ضروري ڪم مقرر مدت اندر مڪمل ڪيا ويندا. ڊاڪٽر فرخ امتياز پنيرو ڪم جي اڳيرائي ۽ معيار جو جائزو ورتو ۽ زور ڏنو تہ اپگريڊ ٿيندڙ مرڪزن کي مقرر وقت تي مڪمل ڪري مقامي ماڻهن لاءِ مڪمل طور فعال بڻايو وڃي. هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي تہ تعميراتي ڪم جي اعليٰ معيار کي برقرار رکيو وڃي، منظور ٿيل specificationsتي سختي سان عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي، ۽ باقي رهيل ڪمن جي معيار ۽ پائيداري تي خاص ڌيان ڏنو وڃي، تہ جيئن اهي مرڪز ڪميونٽي کي قابل اعتماد صحت جون سهولتون فراهم ڪري سگهن

بقايا عوامي سوچ 02

خلاف ڊي اي او پرائمري آفيس سجاول اڳيان احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو. تفصيل موجب، احتجاج ڪندڙ استادن جو چوڻ هو تہ ڪيترن ئي ضلعن جي استادن جو ڊيٽابيس ڪليئر ٿي چڪو آهي، پر ضلعي سجاول جي اين سي ايچ ڊي استادن کي مسلسل نظرانداز ڪيو پيو وڃي. هنن الزام لڳايو تہ ڊي اي او پرائمري گذريل هڪ مهيني کان ڪين رڳو آسرا ڏئي رهيو آهي، پر اجا تائين سندن ڊيٽابيس فائنل ڪري لاڳاپيل اختيارين ڏانهن نہ موڪليو ويو آهي. استادن موجب، ڊيٽابيس جو معاملو حل نہ ٿيڻ سبب سجاول ضلعي جا 600 کان وڌيڪ استاد پگهارن کان محروم آهن، جنهن ڪري ڪين سخت معاشي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. احتجاج ڪندڙ استادن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ سندن ڊيٽابيس وارو مسئلو ترت حل ڪري پگهارن جي ادائيگي يقيني بڻائي وڃي ۽ ڪين ريگيولر ڪيو وڃي ۽ سندن جائز مطالبا تسليم ڪيا وڃن. ان موقعي تي عبدالعزيز مڇارو، گل حسن رند، سائين ڏنو جنديل، نواب روپائي، غلام مصطفيٰ سومرو، سيد اسماعيل شاهہ، عبدالواحد پليپوٽو، ٻير چارڻ، حبيب الله رانتو، منظور علي لغاري، امبرين راهو، لطيفہ بوبڪ، نورجهان قمبراڻي، نائلا گهراڻو، زاهده ميراڪو، سفيہ خليفي، جميلا جي اڳواڻي ۾ ڌرڻو هڻيو ويو

بقايا عوامي سوچ 03

يتر پونجو مل پيبل پاران مالي سهائتا ڪئي ويئي هن فوت ٿيلن جي وارثن کي ٻہ ٻہ لک ۽ زخمين کي هڪ لک روپين جا چيڪ ڏنا. ان موقعي تي چيئرمين سيٺ رامچند پيبل، ڀهلاج پيبل، پٽيل پنهون مل موجود هئا. واضع رهي تہ ڪجھ ڏينهن اڳ ۾ مٺي بدين روڊ پيلوڙو اسٽاپ ڪوسٽر ۽ ڊمپر جو ٽڪر ٿيو هو، جنهن ۾ نئون ڪوٽ سان تعلق رکندڙ پيبل برادري جا پنج ماڻهو فوت ٿي ويا هئا ۽ ڇهہ ڄڻا سخت زخمي ٿيا هئا.

بقايا عوامي سوچ 04

گ ڪميٽي جي ميمبرن جو پڻ اعلان ڪيو ويو. قومي عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي جي نائب صدر دانش خاصخيلي ۽ جوائنٽ سيڪريٽري شفيع پليجو جي موجودگي ۾ شفيع پليجو جي رهائشگاهہ تي ٿيل تنظيمي گڏجاڻي دوران يونٽ جي جوڙجڪ ڪئي وئي نئين يونٽ لاءِ سهيل احمد پليجو کي صدر، افسار علي پليجو کي سينيئر نائب صدر، شيزان علي پليجو کي نائب صدر، محمد اڪمل پليجو کي جنرل سيڪريٽري، محمد سليمان پليجو کي جوائنٽ سيڪريٽري، محمد رحيم پليجو کي اطلاعات سيڪريٽري ۽ تنوير علي جوکيو کي خزانچي مقرر ڪيو ويو. جڏهن تہ ورڪنگ ڪميٽي جي ميمبرن ۾ حماد پليجو، اعزاز پليجو، سجاد پليجو ۽ رضوان علي پليجو شامل آهن. ان موقعي تي قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻن چيو تہ پارٽي جي تنظيمي ڍانچي کي ڳوٺن، يونٽن ۽ مقامي سطح تي وڌيڪ فعال بڻائڻ لاءِ سرگرميون جاري رکيون وينديون. هنن چيو تہ نئين يونٽ جي قيام سان علائقي جي ماڻهن سان رابطن کي وڌائڻ ۽ سنڌ جي عوام جي مسئلن ۽ حقن بابت سياسي ۽ جمهوري جدوجهد کي منظم انداز ۾ اڳتي وڌائڻ ۾ مدد ملندي. اڳواڻن نون چونڊيل عهديدارن کي مبارڪباد ڏيندي اميد ظاهر ڪئي تہ هو تنظيم کي مضبوط بڻائڻ ۽ مقامي ماڻهن سان رابطن ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا.

بقايا عوامي سوچ 05

ار تي ڪنهن بہ قسم جو سمجهوتو نہ ڪيو وڃي ۽ عوام کي پيش ايندڙ سفري مشڪلاتن کي نظر ۾ رکندي پل جي تعمير ترجيحي بنيادن تي مڪمل ڪئي وڃي ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر بدين راجيش دليپ ۽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر پراونشل هاءِ وي ڊويزن بدين سليم ميمڻ پڻ ساڻس گڏ هئا ايگزيڪيوٽو انجنيئر سليم ميمڻ ڊپٽي ڪمشنر کي جاري ترقياتي اسڪيم ۽ تعميراتي ڪم جي موجوده صورتحال بابت تفصيلي بريفنگ ڏني ڊپٽي ڪمشنر زارا زاهد واضح ڪيو تہ ترقياتي منصوبن جي وقت سر تڪميل ۽ تعميراتي معيار کي يقيني بڻائڻ لاڳاپيل کاتن جي بنيادي ذميواري آهي هن هدايت ڪئي تہ تعميراتي ڪم دوران ڪنهن بہ قسم جي غفلت يا ڪوتاهي برداشت نہ ڪئي ويندي ۽ منصوبي کي جلد مڪمل ڪرڻ لاءِ سمورا دستياب وسيلا ڪتب آندا وڃن هن چيو تہ پل جي تعمير ۾ دير سبب شهرين ۽ ٻين مسافرن کي اچ وڃ ۾ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي تنهنڪري عوامي سهولت کي نظر ۾ رکندي تعميراتي ڪم جي رفتار تيز ڪئي وڃي جيئن ماڻهن کي پيش ايندڙ مشڪلاتن جو جلد از جلد خاتمو آڻي سگهجي ڊپٽي ڪمشنر لاڳاپيل عملدارن کي وڌيڪ هدايت ڪئي تہ زيرِ تعمير پل جي ويجهو مناسب هنڌن تي معلوماتي ۽ رهنمائي وارا بورڊ لڳايا وڃن جيئن مسافرن ۽ ٽريفڪ کي تعميراتي ڪم ۽ اچ وڃ جي انتظامن بابت بروقت آگاهي ملي سگهي بعد ۾ ڊپٽي ڪمشنر پل جي متبادل رستي جو پڻ معائنو ڪيو ۽ هدايت ڪئي تہ پل جي تعمير مڪمل ٿيڻ تائين متبادل رستي کي هموار، محفوظ ۽ آمدورفت لاءِ موزون بڻايو وڃي، جيئن شهرين کي روزاني سفر دوران گهٽ ۾ گهٽ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوي

بقايا عوامي سوچ 06

گ، ناڪابندي ۽ پوليس گشت جو سلسلو جاري آهي. ضلعي جي سمورن ٿاڻن جي پوليس کي هدايتون جاري ڪيون ويون آهن تہ داخلي ۽ خارجي رستن، اهم شاهراهن، حساس هنڌن ۽ مختلف چيڪنگ پوائنٽن تي اثرائتي ناڪابندي ڪري شڪي ماڻهن، گاڏين ۽ موٽر سائيڪلن جي مڪمل چڪاس کي يقيني بڻايو وڃي. سيني ايس ڊي پي اوز ۽ ايس ايچ اوز کي هدايتون ڏنيون ويون آهن تہ هو پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ سنيپ چيڪنگ ۽ پوليس گشت جي اثرائتي نگراني ڪن. پوليس آفيسرن ۽ جوانن کي الرٽ رکن ۽ ڪنهن بہ شڪي سرگرمي جي صورت ۾ فوري طور قانوني ڪارروائي عمل ۾ آڻين. ايس ايس پي ٺٽو واضح هدايتون جاري ڪيون آهن تہ چيڪنگ دوران شهرين سان خوش اخلاقيءَ سان پيش اچن ۽ مهذب رويو اختيار ڪن. جڏهن تہ قانون جي بالادستي ۽ عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي. ٺٽو پوليس ڏوهن جي روڪٿام، شهرين جي تحفظ ۽ ضلعي ۾ پرامن ماحول برقرار رکڻ لاءِ هر وقت سرگرم آهي.

بقايا عوامي سوچ 07

س ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي تہ پوليس مخالفن جي چوڻ تي ڪين بلاجواز هراسان ڪري رهي آهي ۽ ڪامران سولنگي کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، پريس ڪانفرنس ڪندي هنن چيو تہ ٽي سال اڳ بہ پوليس مبينا طور ڪامران سولنگي کي گم ڪرڻ بعد جعلي پوليس مقابلو ڄاڻائي زخمي ڪيو هو جنهن ڪانپوءِ سندس وارثن کي سندس حياتيءَ جي تحفظ جو خدشو پيدا ٿيو ۽ ڪيس سعودي عرب موڪليو ويو هو. هنن موجب، ڪامران سولنگي هاڻي بيهر پنهنجي ڳوٺ واپس آيو آهي تہ پوليس مبينا طور مخالفن جي چوڻ تي ڪيس بيهر ڪوڙن ڪيسن ۾ ملوث ڪري نقصان پهچائڻ چاهي ٿي، هنن چيو تہ هو محنت مزدوري ۽ پنهنجي زمينن تي ڪم ڪري حلال روزي ڪمائين ٿا، وٽن الله تعاليٰ جو ڏنل رزق ۽ زمينون موجود آهن، تنهنڪري مٿن قرلت ۽ ڌاڙن جا الزام بي بنياد آهن. هنن وڌيڪ چيو تہ ڪجھ ماڻهو ذاتي دشمنيءَ جي بنياد تي مٿن ڪوڙا الزام هڻي پريشان ڪري رهيا آهن، جڏهن تہ پوليس مبينا طور انهن جو ساٿ ڏئي رهي آهي، احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو تہ هو شريف شهري آهن ۽ قانون جي پاسداري ڪندي زندگي گذارين ٿا، پر مخالفن پاران پوليس کي استعمال ڪري ڪين ذهني ۽ جسماني تڪليفن ۾ مبتلا ڪيو پيو وڃي، هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي دادو ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ ڪامران سولنگي ۽ سندس گهرڀاتين کي مبينا طور هراسان ڪندڙ پوليس اهلڪارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ڪين تحفظ فراهم ڪيو وڃي. هنن خبردار ڪيو تہ جيڪڏهن ڪين انصاف فراهم نہ ڪيو ويو تہ هو عدالت سان رجوع ڪرڻ تي مجبور ٿيندا.

بقايا عوامي سوچ 08

ٺٽي ضلعي ۾ مرف (MERF)اين جي اوز سان لاڳاپيل ملازم مبينا طور گذريل ڇئن مهينن کان پگهارن جي عدم ادائيگيءَ سبب سخت مالي پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن. پگهارون نہ ملڻ ڪري ملازمن لاءِ گهر جو راشن خريد ڪرڻ، ٻارن جي تعليم جا خرچ برداشت ڪرڻ، بجلي ۽ گئس جا بل ادا ڪرڻ سميت روزمره جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ ڏکيو بڻجي ويو آهي، جڏهن تہ سندن خاندان پڻ معاشي مشڪلاتن جو شڪار ٿي رهيا آهن. جڏهن تہ مرف پنهنجي آفيس اسٽاف کي پگهارون ڏئي رهي آهي باقي اسپتالن جو اسٽاف مرف جهڙي اداري ۾، جيڪو مختلف منصوبن تحت صحت ۽ ٻين شعبن ۾ خدمتون سرانجام ڏئي ٿو ۽ جنهن بابت ڪروڙين رپين جي بجيٽ هجڻ جون ڳالهيون ڪيون وڃن ٿيون، ملازمن جي مسلسل ڇئن مهينن تائين پگهارن جي عدم ادائيگيءَ واري صورتحال ڪيترائي اهم سوال پيدا ڪري ڇڏيا آهن. ملازمن کي پنهنجي محنت جو معاوضو وقت سر نہ ملڻ سبب اداري جي مالي ۽ انتظامي معاملن بابت وضاحت جي ضرورت محسوس ڪئي پئي وڃي. سوال اهو آهي تہ پگهارن جي ادائيگيءَ ۾ دير جا اصل سبب ڪهڙا آهن؟ ڇا فنڊن جي منتقليءَ ۾ دير آهي، بجيٽ جي منظوريءَ جو مسئلو آهي يا انتظامي سطح تي ڪا رڪاوٽ موجود آهي؟ لاڳاپيل انتظاميا کي گهرجي تہ معاملي بابت واضح موقف اختيار ڪري ۽ ملازمن کي موجوده صورتحال کان آگاهہ ڪري. مهانگائيءَ جي موجوده دور ۾ ڇئن مهينن تائين پگهارون نہ ملڻ ملازمن ۽ سندن خاندانن لاءِ انتهائي ڏکي صورتحال آهي. ملازم پنهنجي پگهار مان گهر جا خرچ پورا ڪرڻ سان گڏ ٻارن جي تعليم، علاج ۽ ٻين ضروري ذميوارين کي بہ پورو ڪندا آهن. اهڙي صورتحال ۾ پگهارن جي مسلسل بندش سندن معاشي پريشانين ۾ وڌيڪ اضافو ڪري رهي آهي. هيومن رائٽس پروٽيڪشن اينڊ سوشل جسٽس مرف (MERF)جي انتظاميا ۽ لاڳاپيل ذميوار اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ ملازمن جي ڇئن مهينن جي رهيل پگهارن جو فوري نوٽيس وٺي، بنا ڪنهن وڌيڪ دير جي ادائيگي يقيني بڻائي وڃي. ان سان گڏ پگهارن ۾ دير جا اصل سبب پڻ واضح ڪيا وڃن ۽ مستقبل ۾ ملازمن کي اهڙين مشڪلاتن کان بچائڻ لاءِ بروقت ادائيگيءَ جو مؤثر نظام جوڙيو وڃي. هيومن رائٽس پروٽيڪشن اينڊ سوشل جسٽس جو چوڻ آهي تہ ملازم ڪنهن بہ اداري جي ڪارڪردگيءَ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪندا آهن، تنهن ڪري سندن محنت جو معاوضو وقت سر ادا ڪرڻ انتظاميا جي اهم ذميوارين ۾ شامل آهي. ملازمن کي سندن جائز حقن کان محروم رکڻ بدران سندن مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو وڃي. هيومن رائٽس اينڊ سوشل جسٽس ٺٽو اپيل ڪئي آهي تہ اعليٰ اختيارين معاملي جو فوري نوٽيس وٺي ملازمن کي معاشي پريشانين مان نجات ڏيارين ۽ رهيل پگهارن جي ادائيگيءَ لاءِ ترت قدم کڻن.

بقايا عوامي سوچ 09

ين جي آخري آرام گاهہ تي نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهايو پيو وڃي، جنهن ۾ مختلف ورائٽي پروگرامن سان گڏ ملہ ملاکڙو شيدو خليفو، محمد عيسيٰ صابرو، عابد حسين سرڪي، سارنگ موسي ملاح، شهباز شيخ، اياز علي شيخ، محمد سليم سومرو، زاهد ايوب ملاح، سونو سارنگ ملاح جي نگراني ۾ لڳايو ويندو، جنهن ۾ اتر ۽ لاڙ جا ملہ پهلوان زور آزمائي ڪندا، ميلي جا مهمان خاص MNA سيد اياز علي شاهہ شيرازي، صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهہ شيرازي، وڏيرو رسول بخش جاکرو، ضلعي ڪائونسل ٺٽي جو ميمبر وڏيرو رسول بخش جاکرو، پورو سرڪي، وڏيرو حمير سرڪي، علي شير بروهي، غلامي هنگورو، نديم خاصخيلي سابق چيئرمين مواچ ڳوٺ ڪراچي، ضلعي ڪائونسل ٺٽي جو چيئرمين عبدالحميد پنهور، ميونسپل ڪميٽي ٺٽي جو چيئرمين ادا محمد ميمڻ، جهانگير پالاري، ڊاڪٽر عمران هارون سومرو، محمد يعقوب سومرو، ابراهيم سرڪي، ڪريم بخش سرڪي، خدابخش ٻڪڪ، وڏيرو بشير ٻيليچو، ساگر موسيٰ ملاح، سارنگ موسيٰ ملاح، صحافي محمد ايوب ملاح، صحافي اقبال جاکرو صدر پريس ڪلب ٺٽو پهلوان محمد بخش ڪوسو، محمد ٻيليچو، جان محمد ٻيليچو پنهون ڪماڻ، حفيظ خليفو ابو عمراڻي، استاد اعجاز سرڪي، يار محمد لاسي، عزيز خليفو واحد سرڪي، مولابخش پالاري، سيٺ ديوان لالو مل، حاجي سرور بروهي، صاحبڏنو عرف صابو ملاح، رميش ڪمار، اعظم ٻيليچو ربڏنو ٻيليچو نور محمد ميربحر جهمپير، حاجي صديق قاضي، مير محمد ٻيليچو جن هوندا. اهڙي پڌرائي ميلا انتظامي ڪميٽي درگاهہ ستيون جي اڳواڻن محمد انور خليفو حاجي خان خليفو لطيف خليفو نواز علي، سليم خليفو الهڏنو خليفو اقبال خليفو. مقبول خليفو نويد خليفو، پوڙهو عرف يارو محمد خليفو، غلام مصطفي خليفو محمد علي خليفو، سرور خليفو، احمد خليفو، پرويز احمد خليفو، امجد خليفو، گل سمون، فضل احمد خليفو، جاويد خليفو، حڪيم ٻيليچو، قربان علي خليفو، فياض علي خليفو، سڪندر علي خليفو، مجاهد خليفو، سلطان خليفو، علي رضا خليفو، فرحان علي خليفو، آصف علي خليفو، فاروق خليفو پاران ڪئي ويئي آهي، جن ٻڌايو آهي تہ درگاهہ تي چادر 19 جمادي الاول ڇنڇر جي شام آچر جي رات مغرب نماز ڪانپوءِ چاڙهي دعائون گهري ميلي جو افتتاح ڪيو ويندو هنن ٻڌايو آهي تہ ميلي ۾ اچڻ لاءِ ميونسپل ڪميٽي ٺٽي جي آفيس پرسان گاڏين جو بندوبست ٿيل آهي. جڏهن تہ عرس جي موقعي تي ميلي ۾ لٺ، ڪهاڙي سميت هر قسم هي هٿيار کڻي اچڻ توڙي نشو واپرائڻ جي سخت منع ٿيل آهي، خلاف ورزي ڪندڙن کي قانون جي حوالي ڪيو ويندو، جڏهن تہ ميلي ۾ سيڪيورٽي جا پڻ انتهائي سخت انتظام ڪيا ويا آهن، جيئن ڪوبہ اڻ وڻندڙ واقعو پيش اچي نہ سگهي

بقايا عوامي سوچ 10

گستا تعلقي شاهبندر پاران شاهبندر تعلقي جي 16 استادن جي بدلي خلاف گستا تعلقي صدر گل حسن مگسي جاويد احمد ڪٽي منظور احمد مگسي ۽ ٻين استادن جي اڳواڻي ۾ هائي اسڪول چوهڙ جمالي کان شاهبندر چوڪ تائين ريلي ڪڍي سخت نعريبازي ڪئي ويئي ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو تہ تعليم کاتي پاران جبري طور تي پوري سجاول ضلعي مان 91 استادن کي جبري طور تي ٻين هنڌن تي بدلي ڪيو ويو آهي جيڪا استادن سان سراسر زيادتي آهي ان خلاف گستا پاران پوري ضلعي ۾ احتجاج ڪيو ويو آهي هنن مطالبو ڪيو تہ استادن جون بدليون روڪي ڪين ساڳئي اسڪولن تي مقرر ڪيو وڃي بي صورت ۾ تعليم کاتي جي اهڙي تعليم دشمن پاليسي خلاف سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 11

ل ڪرڻ خلاف ڪفن پهري احتجاج، ڪيترن ئي سالن کان انصاف لاءِ دربدر، سنڌ جي مختلف شهرن ۾ احتجاج ڪرڻ باوجود ڪنهن بہ دانهن نہ ٻڌي ، سجاول جي رهواسي عبدالرزاق ڪهرائي پنهنجي زمين جو ڪاتو مبينا جعلسازي ذريعي تبديل ڪرڻ ۽ زمين تي قبضي خلاف ڪفن پهري چوهڙجمالي ۾ سخت احتجاج ڪيو متاثر شخص شهر جي مختلف رستن ۽ بازارن ۾ گشت ڪندي مائڪرو فون ذريعي پنهنجي فرياد ٻڌائيندو پريس ڪلب چوهڙ جمالي پهتو ۽ لاڳاپيل اختيارين کان انصاف جي گهر ڪئي. عبدالرزاق ڪهرائي جو چوڻ آهي تہ هو گذريل ڪيترن ئي سالن کان پنهنجي حقن ۽ انصاف لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي، پر سندس مسئلو حل ٿي سگهيو آهي. هن الزام هنيو تہ سجاول جي روينيو کاتي پاران مبينا جعلسازي ذريعي سندس زمين جو ڪاتو تبديل ڪيو ويو ۽ زمين تي قبضي جو معاملو پيدا ٿيو، جنهن سبب هو سالن کان سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيو آهي. متاثر شخص موجب هو انصاف جي حاصلات لاءِ ڪراچي، حيدرآباد، ٺٽو، پڊعيدن سميت سنڌ جي مختلف شهرن ۾ مسلسل احتجاج ڪندو رهيو آهي، پر سندس دانهن اجا تائين نہ ٻڌي وئي آهي. سندس چوڻ آهي تہ سالن کان انصاف لاءِ در در جون ٺوڪرون کائڻ باوجود مسئلو حل نہ ٿيڻ سبب هو انتهائي قدم طور ڪفن پهري روڊن تي نڪرڻ ۽ عوام آڏو پنهنجي فرياد رکڻ تي مجبور ٿيو آهي. هن چيو تہ زمين انسان جي زندگيءَ جي اهم ملڪيت هوندي آهي، جيڪڏهن ڪنهن شهري جي زمين جي رڪارڊ ۾ مبينا جعلسازي ٿئي ۽ ان کي پنهنجي حقن لاءِ سالن تائين احتجاج ڪرڻو پوي تہ اهو انتهائي ڳڻتيءَ جوڳو معاملو آهي. هن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ سندس جدوجهد جو نوٽيس وٺي معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ زمين جي اصل رڪارڊ جي بنياد تي انصاف فراهم ڪيو وڃي. عبدالرزاق ڪهرائي سنڌ حڪومت، ڪمشنر، ڊپٽي ڪمشنر سجاول ۽ روينيو کاتي جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ زمين جي ڪاتي ۾ مبينا ڦيرقار ۽ قبضي بابت الزامن جي جاچ ڪري ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي، جيئن سندس زمين بابت تڪرار جو منصفاڻو حل نڪري سگهي. متاثر شخص اختيارين کي اپيل ڪئي آهي تہ سندس فرياد کي وڌيڪ نظرانداز نہ ڪيو وڃي سالن کان جاري سندس جدوجهد جو خاتمو آڻي ڪيس انصاف فراهم ڪيو وڃيا

بقايا عوامي سوچ 12

ٺي ڏهاڙي تي بہ احتجاجي مظاهرو ڪري جوهي ناڪي تي سوين آبادگارن ڌرڻو هنيو ويو ، وڏي تعداد ۾ آبادگارن ڊاڪٽر جان محمد سولنگي، آبادگار اتحاد تعلقہ جوهي جي صدر منظور سولنگي , امام علي رستماڻي، فهد بلوچ، جهندو لغاري، غُلام قادر لغاري، گلشير رند ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ بلاول پارڪ کان احتجاجن هٿن ۾ بينر پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪري فاضل چونڪ ۽ نيشنل پريس ڪلب جوهي اڳيان ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي مظاهرين ڏانهيو تہ جوهي ٻراج جي پاڻي تي بااثر ڪاتيدارن پاران ڌاڙا هڻڻ ۽ زبردستي نان ٻراج ايريا ۾ پاڻي چوري ڪرڻ سبب برانچ مان نڪرندڙ شاخن پٽوڙو، ڦهوڙ، ڏڙا، لاڪا، چينجاڻي، نوناري چني شاخن ۾ پاڻي اڻ لڀ آهي جنهن ڪري وياج تي ٻج پاڻ ڪٽي آبادي ڪندڙ آبادگارن جو فصل تيزي سان سُڪي سڙي رهيو آهي، هنن چيو تہ زرعي پاڻي زبردستي چوري ٿيڻ ۽ غيرقانوني لفٽ مشينون هلائڻ سبب آبادگارن جو معاشي قتل عام ٿي رهيو آهي، هنن چيو تہ جوهي ٻراج جي منڍ تي پاڻي چورن جي سئو سيڪڙو آبادي ۽ غير قانوني سارياڻو فصل پوکيل آهي ۽ جوهي ٻراج جي پڇڙي تي هڪ سلو بہ آبادي جو ناهي مگر ايري گيشن ايس اي انجنيئر آبادگارن جي احتجاج بعد انهن شاخن تي پوليس ويهاري ڇڏي آهي جيڪا آبادگارن سان ناجائزي آهي آبادي نٿيڻ ڪري ڪاڇي سميت جوهي تعلقي اندر ٿر جيان ڏڪار واري صورت حال تيزي سان پکڙجي رهي آهي ڪافي نندا ڪاتيدار لڏ پلاڻ ڪري ٻچن جي پيٽ گذران لاءِ سنڌ جي ٻين ضلعن ڏانهن وڃي رهيا آهن آبادي نٿيڻ ڪري جوهي تعلقي اندر هزارين ايڪڙ زرعي زمين اڻ پوکي پيا جو ڏيک ڏئي رهي آهي جوهي جي آبادگارن وٽ هاڻ ايترو ناهي جو ٻچن جي بکئي پيٽ جو گذارو ڪري سگهن هنن چيو تہ جوهي تعلقي اندر اسان آبادگارن جو واحد گذر صفر آبادي تي مبني آهي اي سي دادو ۽ انجنيئراجي ڪمار منڍ جي وڏن سياسي ڪاتيدارن کان لکين رپيا ايڊوانس روشوت وٺي پاڻي وڪرو ڪري ڇڏيو آهي جنهن سبب جوهي جا آبادگار مايوسي جو شڪار بڻجي ويا آهن ڪو بہ چونڊيل نمائندو جوهي جي آبادگارن جي احتجاج جو نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ناهي هنن چتاءُ ڏنو آهي تہ جوهي تعلقي جي سمورين شاخن جي پوڇڙي تائين ايمرجنسي جي بنيادن تي پاڻي پهچائي پاڻي جي هٿرادو ڪوٽ ختم ڪئي وڃي ۽ ڪاڇي ۽ جوهي تعلقي کي فت زده علائقو قرار ڏنو وڃي نہ تہ مجبورن بي صورت ۾ انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هڻنداسين.

بقايا عوامي سوچ 13

نہ چورائي ها. جي ڊي اي سان ڪيترين بيواجبيون ٿيون آهن پر اسان مات ڪري وينا آهيون ملڪ جن جو آهي اهي هي هلائين پيا جي هو چاهيندا تہ هنن کان هي ڪم وٺندا جنهن کي انهن 47 فام ذريعي آندو آهي. جي ڊي اي اڳواڻ سردار محمد خان جوڻيجو پناڻ کي کهڙي خبر سياست ڇا ٿيندي آهي عمران خان سياسي ماڻهو هجي ها تہ 2018 ۾ ن ليگ جي مينڊيٽ نہ چورائي ها. هاڻ انهن کي ضرورت پئي آهي تہ انهن عمران جي مينڊيٽ چوري ڪئي آهي. اهڙن خيالن جو اظهار جي ڊي اي اڳواڻ محمد خان جوڻيجو ڳوٺ خليفو يار محمد شاهہ ۾ سيد اعجاز علي شاهہ ۽ افضل شاهہ سان والد جي وفات تي تعزيت دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيوان وڌيڪ چيو تہ جي ڊي اي سان ڪيترين بيواجبيون ٿيون آهن پر اسان مات ڪري وينا آهيون اسان جون سيٽون بہ کسيون ويون سياڻي زرداري يونٽ ناهي ڏئي ڇڏي جيئن گورنر راج لڳائڻ لاءِ سهي ڪئين هي ملڪ جن جو آهي اهي هي هلائين پيا جي هو چاهيندا تہ هنن کان هي ڪم وٺندا جنهن انهن کي 47 فام ذريعي آندو آهي. ان وڌيڪ عوامي آواز جي رپورٽر غلام نبي چٽو سان ڳالهائيندي چيو تہ ڪپرو ۾ قتل ٿيل بابر هنگورجو جي قتل تي ڏنل بيان بابت چيو تہ آئون اڄ بہ پنهنجي ڏنل بيان تي قائم آهي مون چيو چند مري ڏوهاري آهن جن کي هڪ سيد جو آشيرواد آهي ان سيد کي گرفتار ڪيو وڃي تہ سانگهڙ جون حالتون بهتر ٿي وينديون ان موقعي تي ساڻس جي ايم ٻگهيو علي محمد ڪيريو سيد گلزار شاهہ ۽ ٻيا گڏ هئا

بقايا عوامي سوچ 14

ي الزام هنيو آهي تہ صدام حسين ولد عبدالرحيم ذات دل پوليس ڪانسٽيبل، جيڪو ٿاڻو چيلهار تي ڊيوٽي ڪري ٿو، مبينا طور منشيات جي ڪاروبار ۾ ملوث آهي ۽ اسان کي شڪايت آهي تہ هو شراب پيئڻ ۽ وڪرو ڪرڻ سان گڏ منشيات جي وڪري ۾ بہ ملوث آهي ۽ صدام حسين اسان کي ڌمڪيون ڏئي زوري زبردستي تنگ ڪري رهيو آهي تہ ڳوٺ اڪليون ۾ رڪيل سفينا جي پڙين جا ڪٽا، جيڪي مبينا طور منشيات جي سلسلي سان لاڳاپيل آهن، ڪٽي اچي ڏيون. جڏهن اسان انڪار ڪيو تہ صدام حسين، سندس پاءُ ذوالفقار علي، قلندر بخش، محمد جمن ۽ سندن ساٿي مختيار دل ولد علي محمد دل، جنهن بابت پڻ منشيات جي وڪري ۾ ملوث هجڻ جي شڪايت آهي، اسان سان دشمني ڪري تنگ ڪري رهيا آهن ۽ مون اهڙي درخواست ايس ايس پي ٿرپارڪر کي بہ ڏني آهي هن مطالبو ڪيو تہ منشيات ۾ ملوث پوليس اهلڪار ۽ ساٿين خلاف قدم کڻي اسان کي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي جڏهن سامي در جو چوڻ اهي پوري ڳوٺ ۾ ڀڇا ڪريوت دودو پٽ تماچي چور ۽ شڪاري اهي ۽ پاڻ ٻ نمبر ڏندو ڪندل اهي اسان تي ڪورا بيان پيو ڏي اسان عزت وارا اهيو توهان هن خلاف يا اسان خلاف پوري ڳوٺ ۾ ڀڇا ڪريو

بقايا عوامي سوچ 15

جي حوالي ڪن اسين هلائيندا سين پيپلزپارٽي جي سياستدانن کي ووٽ عوام تي ڏئي هٿي تلوار ۽ جنگ واري ويڙهہ ناهي جو پيپلزپارٽي عوام کي ٻڌي ڪٽي ماري اليڪشن تي ڪٽي ڊاڪٽر قادر مگسي ايس ٽي پي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي ڳوٺ خليفو يار محمد شاهہ ڀٽو سيد اعجاز علي شاهہ سان والد جي وفات تعزيت ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو حڪمرانن جو دماغ خراب آهي هن وقت پاڪستان ۾ اهڙو ماحول ناهي. جو وڌيڪ مسئلا پيدا ڪجهن صوبن گڏ جي پاڪستان کي جنم ڏنو آهي جيڪڏهن ملڪ هنن کان نہ ٿو هلي تہ اسان جي حوالي ڪن اسين هلائيندا سين اسان عوامي مشورن تي عمل ڪن تہ ڪرپشن ڪئين ختم ٿيندي چوري ڪئين ختم ٿيندي ماڻهن کي سستو اٽو ڪئين ملندو تيل سستو ڪئين ٿيندو چور بہ اهي نوڪريون بہ اهي ڪپائين مارشلا بہ اهي هڻن. ان وڌيڪ عوامي آواز جي رپورٽر غلام نبي چٽو سان ڳالهائيندي چيو تہ پيپلزپارٽي جي سياستدانن کي ووٽ عوام تي ڏئي هٿي تلوار ۽ جنگ واري ويڙهہ ناهي جو پيپلزپارٽي عوام کي ٻڌي ڪٽي ماري اليڪشن ڪٽي ٿي ووٽ عوام جو آهي جيسين صرف دانهون ڪندا رهندا ۽ ووٽن جي ٽائيم وري انهن کي ووٽ ڏيندا تہ پوءِ اهڙن حڪمرانن مان جند ڪئين ڇٽندي اسان ڪراچي ڊويزن ۾ 29 تاريخ تي لکين ماڻهو گڏ ڪنداسين جيڪڏهن اسان هڪ دفعي 8 کان 15 لک ماڻهو ڪراچي ۾ گڏ ٿياسين تہ پو الاهي سنڌ مٿان شامتن ۾ گهٽتائي اچي ويندي عوام کي اپيل آهي 29 نومبر تي ڪراچي ۾ اچن ان موقعي تي سيد گلزار شاهہ. مرڪزي اڳواڻ ايس ٽي پي چام شوڪت ابڙو. محمد علي ابڙو. عبدل فتح. محمد موسولڙڪو ۽ ٻيا گڏ هئا

بقايا عوامي سوچ 16

بيڊمنٽن ايسوسيئيشن ۽ سکر ڊويزن بيڊمنٽن ايسوسيئيشن جي گڏيل سهڪار سان سنڌ اسپورٽس ڪلب سکر ۾ پنج ڏينهن تائين جاري رهندڙ نيشنل جونيئر بوائز اينڊ گرلز بيڊمنٽن چيمپئن شپ 2026ع ڪاميابي سان پڄاڻي تي پهتي، چيمپئن شپ ۾ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان 200 کان وڌيڪ رانديگرن شرڪت ڪئي ۽ مختلف عمرين جي گروپس ۾ پنهنجين صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو. چيمپئن شپ ۾ سنڌ، پنجاب، بلوچستان، خيبرپختونخوا، گلگت بلتستان، اسلام آباد، آزاد ڪشمير، پاڪستان آرمي، واپڊا ۽ سوئي ناردرن گيس پائيپ لائينز لميٽيڊ (ايس اين جي پي ايل) جي ٽيمن حصو ورتو. 12 کان 21 سالن تائين جي رانديگرن جي وچ ۾ مختلف ڪيٽيگريز ۾ دلچسپ مقابلا ٿيا، جن ۾ پنجاب، پاڪستان آرمي ۽ ايس اين جي پي ايل جا رانديگر نمايان رهيا، پڄاڻي واري تقريب جا خاص مهمان ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان هئا، جن چيمپئن شپ جي ڪامياب انعقاد کي سکر لاءِ اعزاز قرار ڏنو. تقريب ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر نيو سکر بشريٰ منصور، ٽائون چيئرمين چڪ ڊاڪٽر نويد مهر، ميونسپل ڪمشنر سکر ميونسپل ڪارپوريشن خالد حسين جتوئي، جيئي شاهہ ٽائون جي چيئرمين عزيزالله مغل، يو سي چيئرمين احسان لاشاري ۽ اظهر اعوان، چيمبر آف ڪامرس جي وائيس پريزيڊنٽ شهزاد شهواڻي سميت رانديگرن، ميڊيا، سياسي، سماجي ۽ ڪاروباري شعبن سان تعلق رکندڙ شخصيتن شرڪت ڪئي،فائنل مقابلن ۾ پنجاب پنج ٽائيٽل پنهنجي نالي ڪيا، جڏهن تہ پاڪستان آرمي ۽ ايس اين جي پي ايل چار، چار ٽائيٽل حاصل ڪيا. اسلام آباد بہ ۽ واپڊا هڪ ٽائيٽل کٽيو. جڏهن تہ انڊر 15 بوائز سنگلز ۾ اسلام آباد جي محمد ريحان ۽ گرلز سنگلز ۾ زليخا فدا ڪاميابي حاصل ڪئي، جڏهن تہ انڊر 17 بوائز سنگلز ۾ واپڊا جي عبدالحسيب ۽ گرلز سنگلز ۾ پاڪستان آرمي جي ثروت فاطمہ فاتح رهي،اهڙي ريت انڊر 19 مين سنگلز ۾ پنجاب جي محمد سليمان ۽ وومين سنگلز ۾ حمنہ ارشاد ٽائيٽل کٽيا، انڊر 21 مين سنگلز ۾ ايس اين جي پي ايل جي محمد زيد ۽ وومن سنگلز ۾ پاڪستان آرمي جي عماره اشتياق ڪاميابي حاصل ڪئي، چاٽايل رانديگرن سميت ڪيترن ئي نمايان رانديگرن سنگلز ۽ ڊبلز مقابلن ۾ پڻ بهتر راند جو مظاهرو ڪيو،اهڙي طرح ڊبلز مقابلن ۾ انڊر 19 مين ڊبلز جو ٽائيٽل ايس اين جي پي ايل جي محمد عمر ۽ پنجاب جي محمد سليمان حاصل ڪيو جڏهن تہ انڊر 19 وومين ڊبلز ۾ پاڪستان آرمي جي ثروت فاطمہ ۽ پنجاب جي حمنہ ارشاد فاتح رهيون. انڊر 21 مين ڊبلز ۾ ايس اين جي پي ايل جي محمد زيد ۽ نجم الثاقب ڪاميابي حاصل ڪئي، جڏهن تہ انڊر 21 وومين ڊبلز ۾ پاڪستان آرمي جي عماره اشتياق ۽ پنجاب جي طيبہ شفيق ٽائيٽل پنهنجي نالي ڪيو. چيمپئن شپ جو هڪ نمايان پهلو انڊر 15 ڪيٽيگري ۾ اسلام آباد جي رانديگرن جي شاندار ڪارڪردگي رهي، جتي بوائز ۽ گرلز سنگلز ٻئي ٽائيٽل اسلام آباد جي حصي ۾ آيا. واپڊا ۽ بلوچستان جي رانديگرن پڻ مختلف مقابلن ۾ عمدي راند جو مظاهرو ڪندي فائنل مرحلي تائين رسائي حاصل ڪئي. هن موقعي تي مهمانن چيمپئن شپ جي ڪامياب انعقاد تي صدر سکر ڊويزن بيڊمنٽن ايسوسيئيشن بابر علي بلو، ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر اخلاق ميمڻ ۽ صدر سنڌ بيڊمنٽن ايسوسيئيشن فرحان لاشاري جي ڪوشش کي ساراهيو. تقريب جي آخر ۾ ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان ۽ ٻين فاتح رانديگرن ۾ ٽرافيون، تعريفي سندون ۽ نقد انعام ورهايا.#

بقايا عوامي سوچ 17

ل ڪيو ويو آهي جنهن ۾ فريادي پاران داخل ڪرايل ايف آءِ آر موجب قتل جو ڪارڻ زميني تڪرار ڄاڻايو ويو آهي ڪيس ۾ مقتول جو نندو پٽ علي شير خانيو، بہ چاچا عبدالقيوم خانيو ۽ عبدالحميد خانيو سميت مائٽ رجب خانيو کي جوابدار طور نامزد ڪيو ويو آهي

بقايا عوامي سوچ 18

علي هڪڙو جي اڳواڻيءَ ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو ۽ پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي سردار محمد علي هڪڙو، سيد ذوالفقار علي شاهہ ، سراج چانڊيو، محمد جان بروهي، خالد حسين چانڊيو، ماجد خاصخيلي سميت ۽ ٻين چيو تہ قمبر شهر ۾ بدامني وڌڻ سبب شهري سخت پريشانيءَ جو شڪار آهن، چوري ۽ ڦر جي وارداتن سبب ماڻهو پاڻ کي غير محفوظ سمجهي رهيا آهن، پر پوليس امن امان جي صورتحال بهتر بڻائڻ ۾ گهربل ڪردار ادا نہ ڪري رهي آهي جيڪا پوليس جي مڪمل طور تي نااهلي آهي هنن الزام هنيو تہ شهر ۾ جوا جا اڏا ۽ منشيات جا اڏا بہ سرعام هلي رهيا آهن جتان پوليس منٿليون وٺي رهي آهي جڏهن تہ جوا ۽ منشيات جهڙيون سماجي برايون نوجوان نسل جي مستقبل لاءِ خطرو بڻجي رهيون آهن. تنهن ڪري لاڳاپيل ادارن کي فوري طور قدم کڻڻ گهرجن هنن چيو تہ شهرين جي جان، مال ۽ عزت جو تحفظ پوليس جي بنيادي ذميواري آهي. جيڪڏهن شهر ۾ امن امان جي صورتحال بهتر نہ ڪئي وئي تہ عام ماڻهو وڌيڪ ڏکيائين کي منهن ڏيندا. هنن مطالبو ڪيو تہ قمبر شهر ۾ ڏوهن جي روڪٿام لاءِ پوليس گشت وڌايو وڃي. ڏوهارين خلاف بنا فرق جي قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ جوا توڙي منشيات جي اڏن خلاف سخت قدم کنيا وڃن. مظاهرين چتاءُ ڏنو تہ قمبر شهر ۾ بدامني ۽ سماجي براين خلاف سندن آواز جاري رهندو ۽ شهر ۾ امن امان جي بحاليءَ تائين احتجاج جو سلسلو جاري رکيو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 19

ڪندڙ شاگردن ۽ شاگرديائين جي حوصلا افزائي لاءِ تقريب ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ شاگردن کي روڪ انعام، ميڊل ۽ شيلڊون ڏنيون ويون. ان موقعي تي خطاب ڪندي بابو اسلم قائم خاني، شام سندر هيمناڻي، ڪمليش ڪيلا، چندن سنگهہ چيو تہ ٿر ۾ سهوليتن جي کوٽ باوجود شاگردن پنهنجي محنت ۽ صلاحيتن سان ڪاميابيون حاصل ڪري علائقي جو نالو روشن ڪيو آهي. تقريب ۾ واپارين، شهرين، صحافين ۽ شاگردن ۽ سندن والدين پڻ شرڪت ڪئي. واپارين جي ايسوسيئيشن پاران ٿر مختلف ڪيٽيگرين ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن ۾ ڏهہ هزار کان پنجاهہ هزار رپين تائين روڪ انعام ورهايا ويا، جڏهن تہ ڪامياب شاگردن کي ميڊل ۽ شيلڊون پڻ ڏنيون ويون. تقريب کي خطاب ڪندي مقررين چيو تہ ڪامياب شاگردن جي حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي، نہ ڪي سندن دل آزاري ڪئي وڃي، ڇاڪاڻ تہ اهي نوجوان مستقبل ۾ ٿر، سنڌ ۽ پاڪستان جو نالو روشن ڪري سگهن ٿا تقريب ۾ اعزاز حاصل ڪندڙ شاگردن منتظمين جا ٿورا مڃيندي چيو تہ اهڙين تقريبن سان سندن حوصلا وڌن ٿا ۽ ٻين شاگردن کي بہ محنت ڪري ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي ترغيب ملي ٿي. هنن چيو تہ سندن ڪاميابي رڳو ذاتي نہ، پر سڄي خطي لاءِ فخر جو سبب آهي شهرين پاران پڻ واپارين جي ايسوسيئيشن جي ان قدم کي ساراهيو ويو. تقريب ۾ پوزيشن ماڻيندڙ شاگردن راڪيش ڪمار، رميز راجا، نريندر ڪمار ڪوڪر، نيشا ايشور ليلاڻي، جئپال سنگهہ، ڪينئراج سنگهہ، نيرج، اختر علي، پرويز راجا، جمشيد راجا، ڪليم الله، پرويز راجا، پرٿوي راج، چانڊني ۽ ٻين بہ شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 20

ذميوار ايريگيشن کاتي جي ڪارڪردگيءَ تي سوال اٿڻ لڳا آهن. جڏهن تہ لاڳاپيل اختيارين کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو پيو وڃي. تفصيل موجب بدين شهر مان گذرندڙ قاضيہ واهہ علائقي جي هڪ اهم آبي گذرگاهہ آهي، جنهن جي پاڻيءَ تي وڏي آباديءَ جو دارومدار ٻڌايو وڃي ٿو شهرين موجب واهہ ۾ گند ڪچرو اڇلائڻ ۽ صفائيءَ جي مناسب انتظامن جي کوٽ سبب پاڻيءَ جي آلودگيءَ جو خطرو وڌي رهيو آهي، جنهن کي نظرانداز ڪرڻ عوامي صحت لاءِ نقصانڪار ثابت ٿي سگهي ٿو. قاضيہ واهہ ۾ صفائيءَ جو باقاعده انتظام نہ ٿيڻ، گند ڪچرو اڇلائڻ واري عمل کي نہ روڪڻ ۽ پاڻيءَ جي معيار بابت مناسب جاچ نہ ٿيڻ تي شهرين ڳڻتي ظاهر ڪئي آهي. جيڪڏهن واهہ جي پاڻيءَ کي پيئڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو تہ ان جي معيار جي باقاعده ليبارٽري جاچ انتهائي ضروري آهي. ڇاڪاڻ تہ آلوده پاڻي پيئڻ سان مختلف بيمارين جو خطرو وڌي سگهي ٿو. شهرين جو چوڻ آهي تہ ايريگيشن کاتي ۽ لاڳاپيل ادارن کي گهرجي تہ قاضيہ واهہ جي صفائيءَ لاءِ مستقل ۽ اثرائتو نظام قائم ڪن. واهہ ۾ گند ڪچرو اڇلائڻ وارن خلاف ضابطن موجب ڪارروائي ڪن ۽ پاڻيءَ جي وهڪري توڙي معيار جي نگرانيءَ لاءِ عملي قدم کڻن. هنن ڊپٽي ڪمشنر بدين، آبپاشي کاتي جي اعليٰ اختيارين، ميونسپل انتظاميا ۽ صحت کاتي کان مطالبو ڪيو آهي تہ قاضيہ واهہ جي موجوده صورتحال جو جائزو وٺي صفائيءَ جي مهم شروع ڪئي وڃي، پاڻيءَ جا نمونا وٺي ليبارٽري ٽيسٽ ڪرايا وڃن ۽ جيڪڏهن پاڻي پيئڻ لاءِ غير محفوظ ثابت ٿئي تہ شهرين کي فوري طور آگاهہ ڪري متبادل صاف پيئڻ جي پاڻيءَ جو بندوبست ڪيو وڃي. شهرين وڌيڪ مطالبو ڪيو آهي تہ قاضيہ واهہ جي صفائيءَ ۾ غفلت ڪندڙ ذميوار عملدارن کان پڇاڻو ڪيو وڃي ۽ واهہ کي گند ڪچري کان پاڪ رکڻ لاءِ مستقل بنيادن تي نگرانيءَ جو انتظام ڪيو وڃي، جيئن بدين جي رهواسين جي صحت ۽ ماحول کي محفوظ بڻائي سگهجي

بقايا عوامي سوچ 21

۽ ٽريزري آفيس جي مبينا زيادتين خلاف گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول کان پتڻ ناڪي تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ان موقعي تي گستا حيدرآباد ڊويزن جي اڳواڻ شهزاد ميمڻ، تعلقي اڳواڻ عارف ميمڻ، غلام اڪبر لغاري، اعجاز ٻارڻ، بشير سرويچ، عبدالواحد ڪٽي، بشير ٻارڻ ۽ ٻين استادن احتجاج ڪندي سخت نعريبازي ڪئي احتجاج ڪندڙ استادن چيو تہ استادن جون جبري بدليون ڪرڻ ۽ نوجوان استادن کي معطل ڪرڻ سراسر ناانصافي آهي، جنهن کي ڪنهن بہ صورت ۾ برداشت نہ ڪيو ويندو. هنن چيو تہ نوجوان استادن کي نظرانداز ڪرڻ ۽ اهڙا فيصلا ڪرڻ سبب تعليمي ماحول ۾ بيچيني پيدا ٿي رهي آهي، جنهن جو سڌو اثر تعليمي نظام تي پئجي سگهي ٿو. هنن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ استادن جي جبري بدلين وارو عمل فوري طور روڪيو وڃي، معطل ڪيل نوجوان استادن کي بحال ڪري سندن جائز مسئلا حل ڪري ڪين انصاف فراهم ڪيو وڃي ۽ ٽريزري آفيس بابت استادن جي شڪايتن جو پڻ نوٽيس وٺي مسئلا حل ڪيا وڃن. احتجاج ڪندڙ استادن خبردار ڪيو تہ سندن جائز مطالبن تي سنجيدگي سان غور ڪري مسئلا حل ڪيا وڃن، جيئن تعليمي ادارن ۾ پيدا ٿيل بيچيني ختم ٿي سگهي

بقايا عوامي سوچ 22

ائنسز (لمس) ڄامشورو جي اسپتال جي وارڊن ۾ داخل مريضن کي ڪاڌو ۽ پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪرڻ بابت اهم سوال اٿي رهيا آهن. اسپتال جي انتظاميا، خاص طور تي ايم ايس لمس کان مطالبو ڪيو وڃي ٿو تہ وارڊن جو دورو ڪري معلوم ڪيو وڃي تہ داخل مريضن کي وقت سر ڪاڌو ۽ پيئڻ جو پاڻي ملي رهيو آهي يا نہ. جيڪڏهن مريضن کي ڪاڌو فراهم نٿو ڪيو وڃي تہ ان جا ذميوار ڪير آهن؟ مريضن جي وارثن جو مطالبو آهي تہ: وارڊن ۾ مريضن کي ملندڙ ڪاڌي ۽ پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي جي جاچ ڪئي وڃي. ڪاڌي جي فراهمي ۾ لاپرواهي ڪندڙ ذميوارن جو تعين ڪيو وڃي. مريضن جي بنيادي سهولتن کي يقيني بڻايو وڃي. لاپرواهي ثابت ٿيڻ تي ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. سوال اهو آهي تہ مريضن کي ڪاڌو نہ ملڻ جي صورت ۾ ذميوار ڪير آهي؟ اسپتال انتظاميا کي گهرجي تہ معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي ۽ مريضن کي سندن حق جون سهولتون فراهم ڪري.

بقايا عوامي سوچ 23

۽ آر بي او ڊي جا ناڪام منصوبا سامهون هوندي هاڻي اڏ سنڌ کي پاڻي ڏيندڙ نارا ڪئنال کي تباهہ ڪرڻ جي سازش ناراڪئنال ۾ سم جو پاڻي ڇوڙ ڪرائي زهريلو ڪرڻ جي سازش ، واپڊا پاران گهوٽڪي ڊرينيج نالي ڊرين منصوبو تيار ، ڪارو نارو، ريٽي، ريني ۽ ٿر جا چار ڊرينيج سسٽم شامل آهن.نيڪال جي پاڻيءَ جا بہ وڏا ڇوڙ نارا ڪئنال ۾ تجويز ڪيا ويا آهن. 156 ارب رپين کان وڌيڪ لاڳت تحت 1067 ڪلوميٽر ڊرين ناهڻ جي سازش ، 3183 ڪيوسڪ گندو پاڻي نارا ڪئنال ۾ ڇوڙ ڪرڻ جي رٿابندي، گهوٽڪي جي نالي ۾ پنجاب جو ڪارو پاڻي ڇوڙ ڪرايو ويندو نارا ڪئنال 66 لک ماڻهن جي پيئڻ جي پاڻي ۽ 22 لک ايڪڙن لاءِ ايندڙ زرعي پاڻي زهريلو ٿي ويندو ، نارا ڪئنال مان 127 وڏيون واٽر سپلاءِ اسڪيمون شهرين کي پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪن ٿيون ، نارا ڪئنال خيرپور، سانگهڙ، ميرپورخاص، عمرڪوٽ ۽ ٿرپارڪر ضلعن کي پاڻي فراهم ڪري ٿو، واپڊا ايل بي او ڊي ، آر بي او ڊي ناڪام منصوبن مان سبق حاصل ن ڪيو، منڇر جي تباهي ڪانپوءِ ناري کي تباهہ ڪيو پيو

بقايا عوامي سوچ 24

جي ڪارروائي، بازياب ڪرايل ماڻهن کي عدالت ۾ پيش ڪرڻ لاءِ قدم کنيا ويا، ٻني جي مالڪ تي زبردستي پورهيو ڪرائڻ جا الزام شيخ پرڪيو پرسان مشن اسٽاپ وٽ سرن جي ٻني تان ٻن سالن کان مبينا طور باندي بڻايل عورتن، مردن ۽ ٽن ٻارن سميت 12 ڄڻن کي شيخ پرڪيو پوليس ٽنڊو محمد خان جي سيشن ڪورٽ جي حڪم تي ڪارروائي ڪندي بازياب ڪرائي ورتو. بازياب ڪرايل ماڻهن ۾ شبير اوڏ، دليف اوڏ، صوف اوڏ، انيش اوڏ، مهيش اوڏ، مسمات سورٺ اوڏ، نوربانو اوڏ، ڪشش اوڏ ۽ دعا اوڏ سميت ٻيا شامل آهن. رپورٽ موجب، درخواستگذار شهزاد اوڏ پاران عدالت ۾ داخل ڪرايل درخواست تي عدالت سڳوري جي حڪم بعد شيخ پرڪيو پوليس لاڳاپيل سرن جي ٻني تي ڪارروائي ڪئي، جتان مبينا طور باندي بڻايل 12 ڄڻن کي بازياب ڪرايو ويو. پوليس بازياب ڪرايل سمورن ماڻهن کي وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ عدالت ۾ پيش ڪرڻ جا انتظام ڪيا. درخواستگذار شهزاد اوڏ جي درخواست موجب، جلال موري وٽ قائم سرن جي ٻني جي مالڪ گل دين پناڻ وٽ متاثرن کي مبينا طور گذريل ٻن سالن کان باندي بڻائي رکيو ويو هو جتي ڪائنن زبردستي پورهيو ڪرايو ويندو هو. درخواست ۾ الزام هنيو ويو تہ متاثرن کي سخت حالتن ۾ رکڻ سان گڏ سندن بنيادي ضرورتن جو بہ مناسب خيال نہ رکيو ويندو هو بئي طرف بازياب ڪرايل متاثرن طرفان الزام هنيو ويو تہ ڪين ٻني تي سخت حالتن ۾ زندگي گذارڻي پوندي هئي ۽ پيٽ گذر لاءِ مرچن سان ماني ڪائي وقت گذارڻو پوندو هو ٻن سالن تائين مبينا طور اهڙين حالتن ۾ رهڻ واري معاملي متاثرن جي زندگي ۽ بنيادي انساني حقن بابت سنگين سوال اٿاري ڇڏيا آهن. پوليس موجب، ٽنڊو محمد خان جي سيشن ڪورٽ جي حڪم تي ڪيل ڪارروائي دوران سرن جي ٻني تان 12 ڄڻن کي بازياب ڪرايو ويو آهي. جن کي عدالت ۾ پيش ڪري وڌيڪ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا عوامي سوچ 25

صخيلي عرف موريو ۽ نويد خاصخيلي پاران ميڊيا تي مٿن لڳايل الزامن کي بي بنياد قرار ڏيندي رد ڪري ڇڏيو آهي. هنن چيو تہ رسول بخش خاصخيلي عرف موريو ۽ نويد خاصخيلي پاران مٿن الزام لڳائي سندن موقف ٻڌڻ کانسواءِ معاملي کي ميڊيا تي پيش ڪيو پيو وڃي، جيڪو درست ناهي. هنن واضح ڪيو تہ مٿن لڳايل الزامن ۾ ڪا بہ صداقت ناهي ۽ هو انهن الزامن کي رد ڪن ٿا.هنن صحافين کي ٻڌايو تہ الزام هڻندڙ همرا پنهنجا مقصد پورا ڪرڻ چاهي ٿو جڏهن تہ حقيقت اهڙي ناهي انهن چيو تہ اسان انهن جي گهر جي ڪٽي مارڻ واري الزامن کي پڻ رد ڪريون ٿا جو اسان ان جي گهر ڏان ڪڏهن لڙي ڪون ويا آهي هنن وڌيڪ چيو تہ انهن تي ڪيس آهن جي کان هو هاڻ ميڊيا تي بيان ڏئي جان ڇڏرائڻ چاهين ٿا جيڪو ڪنهن بہ صورتحال ۾ قبول نہ ڪيو ويندو آخر ۾ انهن ايس ايس پي ميرپورخاص کان مطالبو ڪندي چيو تہ واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 26

اغذ ڏيکاريندي ٻڌايو تہ مذڪوره هوٽل سندس والد مرحوم داڻود رند جي ملڪيت هئي، جيڪا والد جي وفات کان پوءِ قانوني طور سندس ملڪيت آهي، هن چيو تہ غلام پٽي، غلام نبي، واجد سميت 8 ڄڻا منهنجي گهر تي ڪاهہ ڪري آيا چيائون تہ هوٽل جو پلاٽ لکي ڏي نہ تہ تنهنجو خير ڪونهي جنهن تي مون موبايل ڪڍي سندن رڪارڊنگ ڪئي ۽ بعد ۾ گهٽ وڌ ڳالهائي ڌمڪيون ڏيندا هليا ويا آئون بلڙي شاهہ ڪريم ٿاڻي تي ويس تہ پوليس مون کان فرياد وٺڻ بجاءِ چيو تہ بي ڊرتوتي اين سي داخل ڪرائي وٺي آهي مون پوليس کي هوٽل ۽ پلاٽ تي قبضي جي رپورٽ داخل ڪرائڻ چاهي پر پوليس مون کان فرياد نہ ورتو مجبور ٿي پريس ڪلب تي احتجاج ڪرڻ پهتو آهيان. ڏاڏا عرف پنهو رند ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان کي اپيل ڪئي آهي تہ رڪارڊ ڏسي قانوني ڪارروائي ڪري مونکي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 27

يونٽو باڊي جي جوڙجڪ بابت تفصيلي صلاح مشورا ڪيا ويا. اجلاس ۾ صوبائي انفارميشن سيڪريٽري طاهر شيخ، ڊويزن ميرپورخاص جي صدر عابد علي شاهہ، سليم خان، خالد صديقي، ملڪ عبدالستار، محمد عباس پهلواني، ملازم حسين خاصخيلي، جاويد بلوچ، شبير راهي، سليم بيگ، اعجاز علي ڪوڪر، محمد ابراهيم، وسيم جهنڊير، امداد ابڙو، عبد القيوم جهنڊير، عامر گلزار، صوبوخان لاشاري، شڪيل دوست ۽ عامر بگهيو سميت ٻين عهديدارن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙن ان ڳالهہ تي زور ڏنو تہ تنظيم کي وڌيڪ منظم ۽ اثرائتو بڻائڻ لاءِ مختلف سرڪاري کاتن ۾ خدمتون سرانجام ڏيندڙ ملازمن جي نمائندن ۽ سرگرم ساٿين کي اعتماد ۾ وٺڻ ضروري آهي، جيئن ملازمن جي مسئلن کي بهتر نموني اجاگر ڪري انهن جي حل لاءِ اثرائتي جدوجهد ڪري سگهجي. اجلاس ۾ اڪثريتي راءِ سان اتفاق ڪيو ويو تہ ملازمن جي ڀلائي، جائز حقن جي تحفظ ۽ تنظيم جي ترقيءَ لاءِ مخلص، محنتي، باصلاحيت ۽ ذميوار ساٿين کي تنظيمي ذميواريون ڏنيون وڃن. ان سلسلي ۾ ڊويزن جي اهم کاتن سان لاڳاپيل ملازمن ۽ تنظيمي ساٿين سان وڌيڪ رابطا ڪري سندن راءِ پڻ حاصل ڪئي ويندي. صلاح مشورن دوران ان ڳالهہ تي پڻ اتفاق ڪيو ويو تہ ايگزيڪيوٽو باڊي جي جوڙجڪ رڳو عهدن جي ورهاست تائين محدود نہ هئڻ گهرجي، پر اهڙن سرگرم ۽ ذميوار ساٿين کي شامل ڪيو وڃي، جيڪي ملازمن جا مسئلا سمجهن ۽ انهن جي حل لاءِ عملي ڪردار ادا ڪرڻ جي صلاحيت رکن. اجلاس ۾ ٿيل مشاورت کي نظر ۾ رکندي ڊويزنل ايگزيڪيوٽو باڊي جي جوڙجڪ بابت حتمي فيصلو ڪرڻ لاءِ اجلاس ايندڙ هفتي تائين ملتوي ڪيو ويو، جيئن رهجي ويل اهم کاتن جي ملازمن سان رابطا مڪمل ڪري گڏيل صلاح مشوري سان مضبوط ۽ نمائنده ايگزيڪيوٽو باڊي جوڙي سگهجي. اڀيڪا شهيد ساقي سنڌ جي اڳواڻن اميد ظاهر ڪئي تہ مختلف کاتن جا ملازم تنظيمي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو وٺندا ۽ ملازمن جي جائز حقن جي تحفظ، مسئلن جي حل ۽ ڀلائيءَ لاءِ پنهنجو اثرائتو ڪردار ادا ڪندا. اڳواڻن ان عزم جو اظهار پڻ ڪيو تہ گڏيل اتحاد، صلاح مشوري، نظم ۽ ضبط ۽ اجتماعي جدوجهد ذريعي تنظيم کي وڌيڪ مضبوط بڻايو ويندو، جيئن ملازمن جو آواز لاڳاپيل اختيارين تائين اثرائتي نموني پهچائي سگهجي

بقايا عوامي سوچ 28

ڌرڻو هنيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن ڏانهنيندي چيو تہ شهر ۾ ايل پي جي گيس جا ڊيلر پنهنجي مرضيءَ جا اگهہ مقرر ڪري غريب پورهيتن جو معاشي استحصال ڪري رهيا آهن. هنن چيو تہ اڳ ئي وڌندڙ مهانگائي سبب ٻن ويلن جي ماني ڪمائڻ ڏکيو ٿي ويو آهي، مٿان وري گيس ڊيلرن پاران من پسند اگهہ وصول ڪرڻ ڪري سندن پريشانيون وڌي ويون آهن. هنن وڌيڪ چيو تہ گيس جي اگهن بابت انتظاميا جي خاموشي سبب ڊيلر پنهنجي مرضيءَ جا اگهہ وصول ڪري رهيا آهن، جنهن جو سڌو سنئون بار غريب رڪشا ڊرائيورن تي پئجي رهيو آهي. احتجاج ڪندڙن ڊپٽي ڪمشنر ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ ايل پي جي گيس جي اگهن جو فوري نوٽيس وٺي سرڪاري اگهن تي عمل ڪرائي، من پسند اگهہ وصول ڪندڙ ڊيلرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، جيئن پورهيت طبقي کي مهانگائيءَ جي اضافي بار کان ڇوٽڪارو ملي سگهي.

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

ڊائريڪٽر هيلٿ سکر ڊويزن جو ضلعي خيرپور ميرس ۾ اپگريڊ ڪيل صحت مرڪزن جو دورو

ضلعي خيرپور جي تعلقي گمبٽ ۾ بي ايڇ يو لال بخش منگي ۽ بي ايڇ يو لاکا وڏا جو دورو ڪيو

جتي هن تعميراتي ڪم جي معيار جو جائزو ورتو ۽ پنهي ترقياتي منصوبن تي اڳڀرائي جو معائنو ڪيو

منظور ٿيل specifications تي سختي سان عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي، ۽ باقي رهيل ڪمن جي معيار ۽ پائيداري تي خاص ڌيان ڏنو وڃي

گمبٽ (ٽر) ڊائريڪٽر هيلٿ سکر ڊويزن جو ضلعي خيرپور ميرس ۾ اپگريڊ ڪيل صحت مرڪزن جو دورو ڊاڪٽر فرخ امتياز پنيرو، ڊائريڪٽر هيلٿ سکر ڊويزن، محڪمه صحت، حڪومت سنڌ جي پلاننگ ونگ جي هدايتن تي ضلع/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

گمبٽ: ڊائريڪٽر هيلٿ سکر ڊويزن جو ضلعي خيرپور ميرس ۾ اپگريڊ ڪيل صحت مرڪزن جو دورو ڪندي

سجاول ۾ پرائمري اين سي ايڇ ڊي استادن جو ڊي اي او آفيس اڳيان ڌرڻو، 600 کان وڌيڪ استاد پگهارن کان محروم

پرائمري اين سي ايڇ ڊي استادن ۽ فيميل استادن پاران ڊيٽابيس فائنل ڪري اڳتي نه موڪلڻ خلاف ڊي اي او پرائمري آفيس سجاول اڳيان احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو

ڪيترن ئي ضلعن جي استادن جو ڊيٽابيس ڪليئر ٿي چڪو آهي، پر ضلعي سجاول جي اين سي ايڇ ڊي استادن کي مسلسل نظرانداز ڪيو پيو وڃي

ڊي اي او پرائمري گذريل هڪ مهيني کان ڪين رڳو آسرا ڏئي رهيو آهي، پر اڃا تائين سندن ڊيٽابيس فائنل ڪري لاڳاپيل اختيارين ڏانهن نه موڪليو ويو آهي

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ) سجاول ۾ پرائمري اين سي ايڇ ڊي استادن جو ڊي اي او آفيس اڳيان ڌرڻو، 600 کان وڌيڪ استاد پگهارن کان محروم پرائمري اين سي ايڇ ڊي استادن ۽ فيميل استادن پاران ڊيٽابيس فائنل ڪري اڳتي نه موڪلڻ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

روڊ حادثي ۾ فوتي ۽ زخمي ٿيل ڀيل برادري جي ماڻهن جي پ پ سينيٽر پونجو مل ڀيل پاران مالي سهائتا ڪئي وئي

هن فوت ٿيلن جي وارثن کي ٻه ٻه لک ۽ زخمين کي هڪ لک روپين جا چيڪ ڏنا

ان موقعي تي چيئرمين سيٺ رامچند ڀيل، پهلاج ڀيل، پٽيل پنهون مل موجود هئا

مٺي (ڊ-رمحمدرحيم مگريو) ڪجهه ڏينهن مٺي بدين روڊ تي پيلوڙو اسٽاپ وٽ روڊ حادثي ۾ فوتي ۽ زخمي ٿيل ڀيل برادري جي ماڻهن جي پ پ سي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

جنگشاهي پرسان ڳوٺ محمد حسن پليجو ۾ پارٽي جو نئون يونٽ قائم ڪيو ويو

جنهن دوران نئين يونٽ جي عهديدارن ۽ ورڪنگ ڪميٽي جي ميمبرن جو پڻ اعلان ڪيو ويو

شفيع پليجو جي موجودگي ۾ شفيع پليجو جي رهائشگاهه تي ٿيل تنظيمي گڏجاڻي دوران يونٽ جي جوڙجڪ ڪئي وئي

ورڪنگ ڪميٽي جي ميمبرن ۾ حماد پليجو، اعزاز پليجو، سجاد پليجو ۽ رضوان علي پليجو شامل آهن

ٺٽو (رپورٽ رپورٽ واحدشورو) قومي عوامي تحريڪ جي تنظيمي سرگرمين کي اڳتي وڌائيندي جنگشاهي پرسان ڳوٺ محمد حسن پليجو ۾ پارٽي جو نئون يونٽ قائم ڪيو ويو. جنهن دوران نئين يونٽ جي عهديدارن ۽ ورڪن/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

ڊپٽي ڪمشنر بدين جو اڪرم واهه، وهڻائي شريف ويجهو زير تعمير پل جو دورو

تعميراتي ڪم معياري بڻائڻ ۽ جلد مڪمل ڪرڻ جون هدايتون

تعميراتي ڪم جي معيار تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو وڃي ۽ عوام کي پيش ايندڙ سفري مشڪلاتن کي نظر ۾ رکندي پل جي تعمير ترجيحي بنيادن تي مڪمل ڪئي وڃي

ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر بدين راجيش دلپت ۽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر پراونشل هاءِ وي ڊويزن بدين سليم ميمڻ پڻ ساڻس گڏ هئا

بدين (رجب راهمون) ڊپٽي ڪمشنر بدين زارا زاهد اڪرم واهه، وهڻائي شريف ويجهو زيرِ تعمير پل جو دورو ڪري تعميراتي ڪم جي اڳڀرائي، معيار ۽ متبادل رستي جو جائزو ورتو هن لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته تعميراتي ڪم جي معي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

بدين: ڊپٽي ڪمشنر بدين جو اڪرم واهه، وهڻائي شريف ويجهو زير تعمير پل جو دورو ڪندي

سڄي ضلعي اندر امن امان برقرار رکڻ، ڏوهن جي روڪٿام ۽ شڪي سرگرمين تي ڪڙي نظر رکڻ لاءِ سنيپ چيڪنگ

شڪي ماڻهن، گاڏين ۽ موٽرسائيڪلن جي مڪمل چڪاس کي يقيني بڻايو وڃي، سڀني ايس ڊي پي اوز ۽ ايس ايڇ اوز کي هدايتون ڏنيون ويون آهن

پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ سنيپ چيڪنگ ۽ پوليس گشت جي اثرائتي نگراني ڪن، پوليس آفيسرن ۽ جوانن کي الرٽ رکن

ڪنهن به شڪي سرگرمي جي صورت ۾ فوري طور قانوني ڪارروائي عمل ۾ آڻين. ايس ايس پي ٺٽو واضح هدايتون جاري ڪيون آهن

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو جي خاص هدايتن تي ايس ڊي پي اوز جي سربراهيءَ ۾ سڄي ضلعي اندر امن امان برقرار رکڻ، ڏوهن جي روڪٿام ۽ شڪي سرگرمين تي ڪڙي نظر رکڻ لاءِ سنيپ چيڪن/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

دادو ۽ جوهي پوليس تي شهري کي هراسان ڪرڻ ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش جو الزام، سولنگي برادري جو پريس ڪلب آڏو احتجاج

پوليس مخالفن جي چوڻ تي ڪين بلاجواز هراسان ڪري رهي آهي ۽ ڪامران سولنگي کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

ٽي سال اڳ به پوليس مبينا طور ڪامران سولنگي کي گم ڪرڻ بعد جعلي پوليس مقابلو ڄاڻائي زخمي ڪيو هو

جنهن ڪانپوءِ سندس وارثن کي سندس حياتيءَ جي تحفظ جو خدشو پيدا ٿيو ۽ ڪيس سعودي عرب موڪليو ويو هو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو جي ڳوٺ ٻٽڙا پنهور جي رهواسين ڪامران سولنگي، سندس پياءُ بخشل سولنگي، چاچي اڪبر سولنگي ۽ جاويد سولنگي دادو ۽ جوهي پوليس جي زيادتين خلاف دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪرڻ بعد پري/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

DPC
دادو پريس ڪلب ضلع دادو
22-Oct-2026, 12:14

ٺٽي ۾ مرف (MERF) اين جي اوز جا ملازم ڇهن مهينن کان پگهارن کان محروم

معاشي بحران شدت اختيار ڪري ويو، انتظاميا کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

ڪروڙين رپين جي بجيٽ تي ڪم ڪندڙ اداري ۾ ملازمن جون پگهارون بند رهڻ تي سوال اٿي ويا

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ٺٽي ۾ مرف (MERF) اين جي اوز جا ملازم ڇهن مهينن کان پگهارن کان محروم، معاشي بحران شدت اختيار ڪري ويو، انتظاميا کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪروڙين رپين جي بجيٽ تي ڪم ڪندڙ اداري ۾ ملازمن جون پگهارون بند رهڻ تي سوال اٿي ويا. هيومن رائٽس پروٽيڪشن اينڊ سوشل جسٽس پاران رهيل پگهارون فوري ادا ڪرڻ جو مطالبو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

حضرت شاهه جهنڊو رح جن جو ساليانو عرس مبارڪ 31 آڪٽوبر تي ملهايو ويندو

ٺٽي شهر کان 5 ڪلوميٽر اتر طرف درگاهه ستين جي آخري آرام گاهه تي نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهايو پيو وڃي

ميلي ۾ سيڪيورٽي جا پڻ انتهائي سخت انتظام ڪيا ويا آهن. جيئن ڪو اڻٽر واقعو پيش اچي نه سگهي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) حضرت درگاهه ستيون ۽ حضرت شاهه جهنڊو رح جن جو ساليانو عرس مبارڪ ميلو تاريخ 31 آڪٽوبر ۽ پهرين نومبر مطابق 19 ۽ 20 جمادي الاول ڇنڇر جي شام اڃر جي رات ٺٽي شهر کان 5 ڪلوميٽر اتر طرف درگاهه ست/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

MDCAT
CEREMONY FOR POSITION HOLDERS
All Wapari Association Mithi Tharparkar
DIAMOND HOTEL
I Love Pakistan

آل واپاري ايسوسيئيشن مٺي پاران نمايان پوزيشنون حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين جي حوصلا افزائي لاءِ تقريب ڪرائي وئي

جنهن ۾ شاگردن کي روڪ انعام، ميڊل ۽ شيلڊون ڏنيون ويون

ٿر ۾ سهولتن جي کوٽ باوجود شاگردن پنهنجي محنت ۽ صلاحيتن سان ڪاميابيون حاصل ڪري علائقي جو نالو روشن ڪيو آهي

مٺي (ڊ-رمحمدرحيم مگريو) آل واپاري ايسوسيئيشن مٺي پاران ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ پاس ڪندڙ ۽ تعليمي ميدان ۾ نمايان پوزيشنون حاصل/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمب19

قمبر شهر ۾ وڌندڙ بدامني ۽ منشيات خلاف احتجاجي مظاهرو

شهر ۾ جوا جا اڏا ۽ منشيات جا اڏا به سرعام هلي رهيا آهن. جتان پوليس منٿليون وٺي رهي آهي: مظاهرين

جيستائين شهر ۾ امن امان جي صورتحال بهتر نه ڪئي وئي ته عام ماڻهو وڌيڪ ڏکيائين کي منهن ڏيندا

قمبر (رپورٽر) قمبر شهر ۾ وڌندڙ بدامني، جوا ۽ منشيات جا اڏا سرعام هلڻ خلاف شهري ايڪشن ڪاميٽي طرفان پٿو چونڪ تي سردار محمد /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

گهارو پيرسن پيءُ جي قتل جو ڪيس پٽ ۽ چاچن خلاف داخل، زميني تڪرار قرار

جنهن ۾ فريادي پاران داخل ڪرايل ايف آءِ آر موجب قتل جو ڪارڻ زميني تڪرار ڄاڻايو ويو آهي

ٻه چاچا عبدالقيوم خانيو ۽ عبدالحميد خانيو سميت مائٽ رجب خانيو کي جوابدار طور نامزد ڪيو ويو

گهارو (رپورٽر) گهارو شهر ۾ ٻه ڏينهن اڳ پيرسن پيءُ عزيزخانيو جي قتل جو ڪيس سندس وڏي پٽ قمرالدين خانيو جي فرياد تي گهارو ٿاڻي تي داخ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

نيشنل جونيئر بوائز اينڊ گرلز بيڊمنٽن چيمپئن شپ 2026ع ڪاميابي سان پڄاڻي تي پهتي

چيمپئن شپ ۾ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان 200 کان وڌيڪ رانديگرن شرڪت ڪئي

سکر (بيوروچيف محمد قاسم ملڪ) سنڌ جي رانديگرن ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي جي اهتمام هيٺ پاڪستان بيڊمنٽن فيڊريشن، سنڌ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

صوبن گڏجي پاڪستان کي جنم ڏنو آهي : ڊاڪٽر قادر مگسي

جيڪڏهن ملڪ هنن کان نه ٿو هلي ته اسان جي حوالي ڪن اسين هلائيندا سين

سياستدانن کي ووٽ عوام تي ڏئي هٿي تلوار ۽ جنگ واري ويڙهه ناهي جو پيپلزپارٽي عوام کي ٻڌي ڪٽي ماري اليڪشن ٿي کٽي

مٽياري (تعلقه رپورٽر غلام نبي چنو) صوبن گڏجي پاڪستان کي جنم ڏنو آهي : ڊاڪٽر قادر مگسي جيڪڏهن ملڪ هنن کان نه ٿو هلي ته اسان /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

مٺي جي ڳوٺ دلن جي تڙ جي ڳوٺاڻي دادو ولد تماچي پريس ڪلب مٺي پهچي صحافين اڳيان احتجاج

صدام حسين ولد عبدالرحيم ذات دل پوليس ڪانسٽيبل، جيڪو ٿاڻو چيلهار تي ڊيوٽي ڪري ٿو

شراب پيئڻ ۽ وڪرو ڪرڻ سان گڏ منشيات جي وڪري ۾ به ملوث آهي

مٺي (ڊ-رمحمدرحيم مگريو) تعلقي مٺي جي ڳوٺ دلن جي تڙ جي ڳوٺاڻي دادو ولد تماچي پريس ڪلب مٺي پهچي صحافين اڳيان داهيند/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

جي ڊي اي اڳواڻ محمد خان جوڻيجو جي سيد اعجاز علي شاهه ۽ افضل شاهه سان والد جي وفات تي تعزيت

جي ڊي اي سان ڪيترين بيواجبيون ٿيون آهن پر اسان مات ڪري وينا آهيون

اسان جون سيٽون به کسيون ويون سياڻي زرداري يونٽ تاهي ڏئي ڇڏي

مٽياري (تعلقه رپورٽر غلام نبي چنو) پناڻ کي کهڙي خبر سياست جا ٿيندي آهي عمران خان سياسي ماڻهو هجي ها ته 2018 ۾ ن ليگ جي مينڊيٽ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

جوهي تعلقي اندر زرعي پاڻي جي هٿرادو کوٽ خلاف متاثرين آبادگارن پاران احتجاج

پاڻي چوري ڪرڻ سبب برانچ مان نڪرندڙ شاخن پٽوڙو، ڀهوڙ، ڏڙا، لاکا، چينجاڻي، نوناري چني شاخن ۾ پاڻي اڻ لڀ آهي

جنهن ڪري وياج تي ٻج پاڻ ڪٽي آبادي ڪندڙ آبادگارن جو فصل تيزي سان سُڪي سڙي رهيو آهي

جوهي (رپورٽ رحيم بخش ميمڻ) جوهي تعلقي اندر زرعي پاڻي جي هٽرادو کوٽ خلاف جوهي براڄ جي مختلف شاخن جي متاثرين آبادگارن پاران پ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

سجاول شهر جي رهواسي عبدالرزاق کهڙائي جو زمين جا کاتا تبديل ڪرڻ خلاف احتجاج

ڪيترن ئي سالن کان انصاف لاءِ دربدر، سنڌ جي مختلف شهرن ۾ احتجاج ڪرڻ باوجود ڪنهن به دانهن نه ٻڌي

مائڪروفون ذريعي پنهنجي فرياد ٻڌائيندو پريس ڪلب چوهڙ جمالي پهتو ۽ لاڳاپيل اختيارين کان انصاف جي گهر

چوهڙجمالي (رپورٽ شاهدحسيني) سجاول شهر جي رهواسي عبدالرزاق کهڙائي جو روينيو کاتي جي ڪرپشن ۽ جعلسازي ذريعي زمين جا کاتا تبدي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

سجاول ضلعي مان استادن جي ٿيل بدلين خلاف گستا تعلقي شاهبندر پاران ريلي ڪڍي احتجاج

استادن جي اڳواڻي ۾ هائي اسڪول چوهڙ جمالي کان شاهبندر چوڪ تائين ريلي ڪڍي سخت نعريبازي

تعليم کاتي پاران جبري طور تي پوري سجاول ضلعي مان 91 استادن کي جبري طور تي ٻين هنڌن تي بدلي ڪيو ويو آهي

چوهڙ جمالي (رپورٽ شاهدحسيني)سجاول ضلعي مان استادن جي ٿيل بدلين خلاف گستا تعلقي شاهبندر پاران ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو ويو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

بدين جو قاضيه واهه گند ڪچري جي ورچڙهيل، لکين ماڻهن جي پيئڻ جي پاڻيءَ جي معيار بابت ڳڻتي

قاضيه واهه جي صفائيءَ جو نظام بهتر بڻايو وڃي، پاڻيءَ ۾ گند ڪچرو اڇلائڻ جو سلسلو روڪيو وڃي، ذميوار عملدارن کان پڇاڻو ڪيو وڃي: شهرين جو مطالبو

واهه جي صفائي ۽ سارسنڀال جي ذميوار ايريگيشن کاتي جي ڪارڪردگيءَ تي سوال اٿڻ لڳا آهن

مستقل بنيادن تي نگرانيءَ جو انتظام ڪيو وڃي، جيئن بدين جي رهواسين جي صحت ۽ ماحول کي محفوظ بڻائي سگهجي

بدين (رجب راهمون) بدين سٽي مان گذرندڙ اهم قاضيه واهه ۾ صفائي سترائي نه ٿيڻ ۽ پاڻيءَ ۾ گند ڪچرو اڇلائڻ جو سلسلو جاري رهڻ سبب ماحولياتي آلودگي ۽ عوامي صحت بابت ڳڻتي پيدا ٿي وئي آهي. واهه جي صفائي ۽ سار سنڀال جي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

سجاول ۾ جبري بدلين ۽ نوجوان استادن جي معطلي خلاف گستا جي احتجاجي ريلي، اختيارين کان فيصلا واپس وٺڻ جو مطالبو

نوجوان استادن کي معطل ڪرڻ ۽ ٽريزري آفيس جي مبينا زيادتين خلاف گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول کان پٽڻ ناڪي تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

غلام اڪبر لغاري، اعجاز ٻارڻ، بشير سرويچ، عبدالواحد ڪٽي، بشير ٻارڻ ۽ ٻين استادن احتجاج ڪندي سخت نعريبازي ڪئي

استادن جون جبري بدليون ڪرڻ ۽ نوجوان استادن کي معطل ڪرڻ سراسر ناانصافي آهي، جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو

سجاول(رپورٽ امتياز ميمڻ) سجاول ۾ جبري بدلين ۽ نوجوان استادن جي معطلي خلاف گستا جي احتجاجي ريلي، اختيارين کان فيصلا واپس وٺڻ جو مطالبو سجاول ۾ گستا جي سڏ تي استادن جي جبري بدلين، نوجوان استادن کي معطل /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

لمس اسپتال ڄامشوري ۾ ڪاڏو ۽ پاڻي جي عدم فراهمي جو انڪشاف

مريضن کي ملندڙ ڪاڏي ۽ پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي جي جاچ ڪئي وڃي

ايم ايس لمس کان مريضن جي ڪاڏي پيتي بابت نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

ڄامشورو (رپورٽر) ايم ايس لمس کان مريضن جي ڪاڏي پيتي بابت نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڄامشورو لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ س/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

سنڌ جو پاڻي بند ڪري تباهه پيو ڪيو وڃي پر واپڊا جا سم جو پاڻي ڪڍڻ جا منصوبا به تباهي ڪري رهيا آهن، منڇر کي تباهه ڪيو ويو

جنهن سبب ڄامشورو وٽ ب پاڻي پيئڻ لائق ن رهيو، ايل بي او ڊي ۽ آر بي او ڊي جا ناڪام منصوبا سامهون هوندي

هاڻي اڊ سنڌ کي پاڻي ڏيندڙ نارا ڪئنال کي تباهه ڪرڻ جي سازش ناراڪئنال ۾ سم جو پاڻي ڇوڙ ڪرائي زهريلو ڪرڻ جي سازش

واپڊا پاران گهوٽڪي ڊرنيج نالي ڊرين منصوبو تيار، ڪارونارو، ريٽي، ريني ۽ ترجا چار ڊرينيج سسٽم شامل آهن

ميرپورخاص (بيوروچيف سومار سميجو)سنڌ جو پاڻي بند ڪري تباهه پيو ڪيو وڃي پر واپڊا جا سم جو پاڻي ڪڍڻ جا منصوبا به تباهي ڪري رهيا آهن . منڇر کي تباهه ڪيو ويو. جنهن سبب ڄامشورو وٽ ب پاڻي پيئڻ لائق ن رهيو. ايل بي او ڊي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

ٽنڊو محمد خان شيخ پرڪيو پرسان سرن جي ڀٽي تي ٻن سالن کان مبينا ٻانڌي بڻايل عورتن، مردن ۽ ٻارن سميت 12 ڄڻا بازياب

ٽنڊو محمد خان جي سيشن ڪورٽ جي حڪم تي شيخ پرڪيو پوليس جي ڪارروائي، بازياب ڪرايل ماڻهن کي عدالت ۾ پيش ڪرڻ لاءِ قدم کنيا ويا

ٻانڌي بڻايل عورتن، مردن ۽ ٻارن سميت 12 ڄڻن کي شيخ پرڪيو پوليس ٽنڊو محمد خان جي سيشن ڪورٽ جي حڪم تي ڪارروائي ڪندي بازياب ڪرائي ورتو

بازياب ڪرايل ماڻهن ۾ شبير اوڏ، دليف اوڏ، صوف اوڏ، انيش اوڏ، مهيش اوڏ، مسمات سورٺ اوڏ، نوربانو اوڏ، ڪشش اوڏ ۽ دعا اوڏ سميت ٻيا شامل آهن

ٽنڊو محمد خان(رپورٽ حبيب شيخ) ٽنڊو محمد خان شيخ پرڪيو پرسان سرن جي ڀٽي تي ٻن سالن کان مبينا ٻانڌي بڻايل عورتن، مردن ۽ ٻارن سميت 12 ڄڻا بازياب، ٽنڊو محمد خان جي سيشن ڪورٽ جي حڪم تي شيخ پرڪيو پوليس/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

ميرپورخاص ۾ لقمان خاصخيلي واسين رسول بخش خاصخيلي ۽ نويد خاصخيلي جا الزام رد ڪري ڇڏيا

رسول بخش خاصخيلي عرف موريو ۽ نويد خاصخيلي پاران مٿن الزام لڳائي سندن موقف ٻڌڻ کانسواءِ معاملي کي ميڊيا تي پيش ڪيو پيو وڃي

جيڪو درست ناهي، هنن واضح ڪيو ته مٿن لڳايل الزامن ۾ ڪا به صداقت ناهي ۽ هو انهن الزامن کي رد ڪن ٿا

اسان انهن جي گهر جي ڪٽي مارڻ واري الزامن کي پڻ رد ڪريون ٿا جو اسان ان جي گهر ڏان ڪڏهن لڙي ڪون ويا آهي

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) ميرپورخاص جي لشڪرشاهه ڳوٺ، ديهه 78، ڪاڻ ٽاڻي جي حد جي رهواسين مولوي اعجاز خاصخيلي، محمد خان خاصخيلي ۽ وزيرخاصخيلي ايوانِ صحافت ميرپورخاص ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي رسول بخش خا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

بلڙي شاهه ڪريم ۾ پنهور رند پاران سندس هوٽل تي قبضو ڪندڙ سئوٽن خلاف احتجاج تحفظ ۽ انصاف جي گهر

سئوٽ گهر تي ڪاهه ڪري چون ٿا ته هوٽل ۽ پلاٽ لکي ڏي، نه لکي ڏيڻ جي صورت ۾ مونکي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن

مذڪوره هوٽل سندس والد مرحوم دائود رند جي ملڪيت هئي، جيڪا والد جي وفات کان پوءِ قانوني طور سندس ملڪيت آهي

غلام پٽي، غلام نبي، واجد سميت 8 ڄڻا منهنجي گهر تي ڪاهه ڪري آيا چيائون ته هوٽل جو پلاٽ لکي ڏي نه ته تنهنجو خير ڪونهي

بلڙي شاهه ڪريم (رپورٽر)بلڙي شاهه ڪريم شهر جي مک چوڪ تي قائم هوٽل بابت ملڪيت جي دعويٰ ڪندڙ ڏاڏا عرف پنهون رند پريس ڪلب بلڙي شاهه ڪريم پهچي سئوٽن خلاف احتجاج ڪندي صحافين کي هوٽل واري پلاٽ جا ڪ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

ايپڪا شهيد ساقي سنڌ ڊويزن ميرپورخاص جو مشاورتي اجلاس، ايگزيڪيوٽو باڊي جي جوڙجڪ لاءِ صلاح مشورا، اجلاس ايندڙ هفتي تائين ملتوي

اجتماعي جدوجهد ذريعي تنظيم کي وڌيڪ مضبوط بڻايو ويندو، جيئن ملازمن جو آواز لاڳاپيل اختيارين تائين اثرائتي نموني پهچائي سگهجي

مختلف کاتن جا ملازم تنظيمي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو وٺندا ۽ ملازمن جي جائز حقن جي تحفظ، مسئلن جي حل ۽ ڀلائيءَ لاءِ پنهنجو اثرائتو ڪردار ادا ڪندا

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ايپڪا شهيد ساقي سنڌ ڊويزن ميرپورخاص جو اهم مشاورتي اجلاس صوبائي جنرل سيڪريٽري مظهر عباسي جي اڳواڻيءَ ۾ منعقد ٿيو. جنهن جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪئي وئي. اجلاس ۾ تنظيم کي وڌيڪ فعال ۽ مضبوط بڻائڻ، مختلف سرڪاري کاتن جي ملازمن سان رابطن کي وڌائڻ ۽ ڊويزنل ايگزيڪ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

نوابشاهه ۾ ايل پي جي گيس جا من پسند اگهه وصول ڪرڻ خلاف رڪشا ايسوسيئيشن جي صدر جي اڳواڻي ۾ احتجاج

شهر ۾ ايل پي جي گيس جا ڊيلر پنهنجي مرضيءَ جا اگهه مقرر ڪري غريب پورهيتن جو معاشي استحصال ڪري رهيا آهن

اڳ ئي وڌندڙ مهانگائي سبب ٻن ويلن جي ماني ڪمائڻ ڏکيو ٿي ويو آهي

نوابشاهه(رپورٽر)نوابشاهه ۾ ايل پي جي گيس جا من پسند اگهه وصول ڪرڻ خلاف رڪشا ايسوسيئيشن جي صدر رحمت الله پٺاڻ، محرم زرداري ۽ آصف مگسي جي اڳواڻيءَ ۾ رڪشا ڊرائيورن پنهنجا رڪشا بيهاري پريس ڪلب آڏو احتجاجي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28